
# اُٺ ماما گوڙو



ياسر قاضي

# اُٺ ماما گوگڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اُٺ ماما گوگڙو

(ٻارڙن لاءِ شاعري)

## ياسر قاضي

سنڌي ڪتابي سلسلو، رتوديرو / ڪراچي-11

نومبر - 2014ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌڙي ڪتابي سلسلي جو يارهون ڪتاب

# اٿ ماما گوگڙو

(ٻارڙن لاءِ شاعري)

## شاعر: ياسر قاضي

پهريون ڇاپو : نومبر 2014ع
تعداد : هڪ هزار
ٽائيٽل ڊزائن : فتاح هاليپوٽو (شرجيل)
اسڪيچ/السٽريشنز : ياسرقاضي
ڪمپوزنگ : ياسرقاضي
پيج ميڪنگ ۽ لي آئوٽ : شعيب پيرزاده
ڇپيندڙ : شعيب پرنٽنگ پريس، شاهراهِ لياقت، ڪراچي
ڇپائيندڙ : سنڌڙي ڪتابي سلسلو، رتوديرو/ ڪراچي
سهڪار : قاضي عبدالحيّ ”قائل“ اڪيڊمي، سنڌ
قيمت: 100 روپيه
5 امريڪي ڊالر

ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

SINDHRRI KITABI SILSILO BOOK NO. 11

# UTH MAAMA GOGRRO

(Poetry for Children)

Poet : Yasir Qazi

First Edition : November 2014
Quantity : 1000 Copies
Title Design : Fatah Halepoto (Sharjeel)
Sketches/Illustrations : Yasir Qazi
Composed by : Yasir Qazi
Page Making & Lay-out : Shoaib Pirzada
Printed by : Shoaib Printing Press, Shahrah-e-liaqat, Karachi
Published by : Sindhrri Kitabi Silsilo (Sindhrri Book Series), Ratodero/ Karachi
In collaboration with : Qazi Abdul Hayee Qaail Academy, Sindh

**Price PK Rs. 100/-**
**US $ 5**

**ALL RIGHTS RESEVERED**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي پيار ڪندڙ ڏاڏي ۽ سنڌ جي برک شاعر ۽ استاد



## قاضي عبدالحيّ ”قائل“

جي نانءِ!!

جنهن مُون سميت اسان ٽن ڀيڻ ڀائرن کي اسان جي زندگين جو

پهريون ٻاراڻو نظم ”نہ مار مُنهنجي ڪڪُڙ کي...“ ياد ڪرايو هو،

جيڪو مان سالن تائين ان ئي ڏُن ۾ جهُونگاريندو هئس،

جنهن ۾ اهو بابا مُونکي ياد ڪرايو هو

- ياسر قاضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سناء


□ ”جڳ مڳ تارن جوت“ (پبلشر نوٽ) مقصود گل 9
□ ”رنگن جو اهڃاڻ“ (مهاڳ) علي دوست ”عاجز“ 13
□ ”گِيتن جُون پنيوريُون“ (شاعر پاران) ياسرقاضي 17


## اُٺ ماما گوگڙُو (نظم)


1 ـ منهنجو پالڻهار سو (حمد) 29
2 ـ اوّل ۾ الله پلو 31
3 ـ نعت 33
4 ـ دعا 35
5 ـ انسان 37
6 ـ اُٺ ماما گوگڙُو 40
7 ـ ٻيڙيءَ ۾ چنڊ 41
8 ـ ٻلِي مُنهنجِي 43
9 ـ منهنجِي ڪُمي 45
10 ـ انڌِي ٻُلهڻ (انڌس بلائِينڊ ڊالفن) 47


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 11 - | چنڊ تي وينل ڏاڏي | 50 |
| 12 - | پوپٽ | 52 |
| 13 - | ڪتابن سان دوستي | 54 |
| 14 - | رڪشي وارا | 56 |
| 15 - | شينهن جي سير | 58 |
| 16 - | منهنجي سائيڪل | 61 |
| 17 - | ڏيڏر جو ڏاڏو | 63 |
| 18 - | هفتي جو ڦيرو | 65 |
| 19 - | شينهن جي ماسي | 67 |
| 20 - | ذائقن جو ديس | 69 |
| 21 - | جانورن جو ميلو | 71 |
| 22 - | سڄ جا چار پهر | 73 |
| 23 - | ڦيتي جو ڪمال | 75 |
| 24 - | ڇم... ڇم... ڇم... | 77 |
| 25 - | ٽنڪوءَ جو گلر | 79 |
| 26 - | سبزين جو جهيڙو | 81 |
| 27 - | پنکيءَ جا سوال | 84 |
| 28 - | معصوم خواهشون | 86 |
| 29 - | اباڙي... گهوڙا ڙي... | 88 |
| 30 - | پاٽي | 91 |
| 31 - | چاچو بصر | 93 |
| 32 - | سُگهڙ ڇوڪري | 96 |
| 33 - | گُلن جو ڪئمپ فائر | 98 |
| 34 - | شينهن ۽ ڪُوئو | 100 |
| 35 - | ٻي ٻي بورچياڻي | 104 |
| 36 - | ڳالهه ڳوڙي گهٽي | 107 |

پبلشر نوٽ

# جڳ مڳ تارن جوت

تمام گھڻي وٿيءَ کان پوءِ اسان وري "سنڌڙي ڪتابي سلسلي" جو يارهون ڪتاب "اُٺ ماما گوگڙو" ڪٺي حاضر ٿيا آهيون. هن کان اڳ اسان جو آيل ڪتاب "رتوديرو - مختصر تاريخ" هو، جيڪو لاڙڪاڻي هسٽاريڪل سُوسائٽيءَ طرفان لاڙڪاڻي ضلعي جي ملهايل سؤ ساله جشن جي موقعي تي 2002ع ۾ رتيديري تعلقي جي نمائنگي ڪندي پڌرو ڪيو ويو هو، پر اُن وقت اُن جشن ۾ سُوسائٽيءَ جي ڪرتن ڌرتن کان ايترو به ڪونه پُڄگو هو جو مهُورت واريءَ گُلن جِي ٽوڪريءَ ۾ رکيل ٻين ڪتابن سان گڏ هن ڪتاب جي رُونمائي به ڪئي وڃي. اسان پنهنجي ڪيل هن ننڍڙي محنت جِي بي قدريءَ کي محسُوس ته ڏاڍو ڪيو، پر ڇا ڪجي!! جو هر دؤر ۾ هميشه وڏِي مڇي، ننڍي مڇيءَ کي ڳڙڪائڻ جِي ڪوشش ڪندِي رهِي آهي.

2002ع کانپوءِ وڏي وٿِيءَ سان 2014ع ۾ اسان هي باراڻي شاعريءَ جو ڪتاب اوهان کي پڙهڻ لاءِ ڏئي رهيا آهيُون. ايتري عرصي پوڻ جا به ڪي سبب ۽ مجبُوريُون ضرُور آهن، پر اسان ان جي وچُور کي وِيچارڻ نٿا چاهيونِ، بس ايتري نشاندهي ضرور ڪبي ته اسان جي هن ڪتابي سلسلي کي هلائڻ وارا سهڪاري هٿ پنهنجا هٿڙا ڇڏائي گھڻو ڏُور هليا ويا. اهڙن سهڪاري وڙائتن ۽ ڳُڻائتن ساٿين ۾ مختار گھمرو ۽ سرڪش سنڌي خاص طور ڳڻڻ جھڙا نالا آهن، جن جي وڇوڙي ۽ وِرهَ اسان کي منزل طرف وڌڻ ۾ وَره وجهي ڇڏيا، بهر حال اسان پنهنجي صدمي کي سگهه ۾ تبديل ڪندي، وري اڳتي وڌڻ جو عزم ڪٺي اوهان جي خدمت ۾ حاضر آهيون.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير ئي پير ڪڇي ، پر جي لڳاتار ڪڇي
هُجي ڪيڏِي بہ ڏِکِي راھہ، ڪُٿي پوندي آ

هِي اسان جو نئون ڪتاب ”اُٺ ماما گوگڙُو“ سنڌي ۽ اردُو ٻوليءَ جي سُهڻي ۽ سلُوڻي شاعر ۽ الحمدلله! مُنهنجي تسلسُل (ٻئي ٻارَ ۽ ڀهرين پُٽ) ياسرقاضيءَ جي ٻارڙن لاءِ لکيل شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب آهي. هن کان اڳ خوبصورت نالي سان سندس پڙهو تيل خوبصورت ڪتاب ”ٻيڙِيءَ ۾ چنڊ“ مانائتن قدردانن وٽان مڃتا ماڻي چُڪو آهي.

”اُٺ ماما گوگڙُو“ ڪتاب ۾ مُنهنجي خيال ۾ ياسر جي ٻاروتڻ واري زندگيءَ جي اولڙن جا عڪس آهن، جن کي هُن شعر جو رُوپ ڏئي ڪٽي ڪاغذن تي چيڪايو آهي. مُونکي ياد ٿو پوي تہ جڏهن مُنهنجا ٻارَ ننڍا هئا، تڏهن مُون تن لاءِ رانديڪن ۾ هڪ اُٺ جو ماڊِل (رانديڪو) آندو هو، جيڪو سيني ٻارن جي پسند جو رانديڪو هو. اهو اُٺ ياسر کي بہ ڏاڍو پسند هو. ان ڪري ان تي سڀ ٻار ڏاڍو ڌيان ڏيندا هئا. ياسر اهو اُٺ رات جو سمهڻ وقت بہ پنهنجي سيرانديءَ ڪري سُمهندو هو ۽ راند جي وقت منهنجا سڀ ٻار، پاڙي جي ٻارن سان گڏ، اهو اُٺ سامهُون رکي، ان کي داد ڏيڻ يا ان لاءِ پنهنجي پيار جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ ياسر جِي قيادت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هِي پُراڻو ٻاراڻو لوڪ گيت وڏي آواز ۽ سُر آلاپ ۾ جهُونگاري تاڙيُون بہ وڄائيندا هئا:

اُٺ ماما گوگڙُو !!
سائي لڪڙَ پوئتي
مُنهنجا ماما ڪاٽي؟
جُڙيا پنهنجيءَ جاءِ تي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سمجهان ٿو، ٻارڙن لاءِ لکيل شاعريءَ جي هن ڪتاب جو نالو ۽ ٽائيٽل گيت ”اُٺ ماما گوگڙو“ ياسر جي لاشعُور ۾ وينل ان اُٺ واري رانديڪي ۽ لوڪ گيت جو پڙاڏو ئي آهي.

مُنهنجي خيال ۾ هن ڪتاب جا ٻيا بہ ڪجھ نظم، بيت ۽ گيت سندس ٻالجتيءَ جي راندين ۽ رانديڪن جي يادگيرين جا اُڏامندڙ پوپٽڙا آهن، جيڪي ياسر جي ٻالڪ - ڪويتائن مان لياڪا پائي رهيا آهن. اهڙن گِيتن ۾ ”مُنهنجِي ڪُمِي“، ”مُنهنجِي سائيڪل“، ”ڏيڏر جو ڏاڏو“ ۽ ”پوپٽ“ شامل ڪري سگهجن ٿا.

هن ڪتاب ۾ شامل ڪجھ گيت، اهڙاسي گيتن جا بهترين مثال آهن، جن ۾ شاعر، ٻارنِ جِي سکيا سان گڏ وندر کي بہ شامل ڪيو آهي. اهڙن نظمن ۾ ”هفتي جو ڦيرو“، ”انڊِي ٻلهڻ“، ”سڄَ جا چار پهر“ ۽ ”چنڊ تي وينل ڏاڏِي“ ڳڻي سگهجن ٿا. شاعر ٻاران سندس هر تخليق تي ڪيل عمر جي نشاندهي هڪ اهڙو ڪارائتو عمل آهي، جنهن سان نہ صرف استادن ۽ والدين لاءِ اها آساني ٿيندي، تہ هُو پنهنجي ڪهڙي عمر جي ٻارن کي ڪهڙو نظم پڙهائين، بلڪ ٻالڪ پاڻ بہ جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويندو، تيئن تيئن پنهنجيءَ سمجھ آهر مختلف نظمن کي پڙهندو، سمجهندو ۽ پرائيندو ويندو.

ياسر جي گذريل ڪتاب جيان هن ڪتاب جي پڻ هڪ وڏِي سُونهن هر نظم جِي مناسبت سان سندس ڊزائن ڪيل اسڪيچ آهن، جيڪي هر بيت، نظم ۽ گيت جو مُلھ ٻيڻو ٿا ڪري ڇڏين، جنهن سان نہ صرف اهو نظم ۽ ان ۾ سمايل پيغام واضح ٿي وڃي ٿو، بلڪ ڪتاب جِي سُونهن ۾ پڻ هيڪاندو واڌاو ٿئي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي اها پُوري ڪوشش آهي تہ هي ڪتاب نہ رڳو سنڌ جي علمي ادبي حلقن تائين پهچي، پر هي اسڪُولن ۾ انهن ۾ پڙهندڙ ٻارن، سندن استادن توڙي والدين تائين بہ پهچي سگهي، تہ جيئن هُو هڪ روشن ذهن نسل جي تربيت ۾ هن ڪتاب کي بہ هڪ اهم وٿ طور استعمال ڪري سگهن.

سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي هن سخت اڻاٺ وري دؤر ۾، جڏهن ٻارن لاءِ نہ لکجڻ جي برابر لکيو پيو وڃي، ههڙي برجستي مواد تي ٻڌل، معياري ٻاراڻي ڪتاب جو شايع ٿيڻ هڪ تمام وڏو قدم آهي. سنڌ ٽيڪسٽ بُوڪ بورڊ جهڙن ادارن ۾ بين درسي ڪتابن جي پبلشرن کي ”اُٺ ماما گوگڙُو“ يا ”ٻيڙيءَ ۾ چنڊ“ منجهان چُونڊ گيتن کي ٻاراڻي نصاب ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌ جي سمُورن ٻرڪ (خاص طور نؤجوان) شاعرن کي ياسرقاضيءَ جي ان عمل جِي تقليد ڪرڻ گهرجي، جيڪو هڪ ڪامياب رومانوي توڙي موجُوده حالتن تي تنقيدي نظر رکندڙ شاعر هجڻ جي باوجُود ٻارن لاءِ لکڻ کي پنهنجو فرض (۽ شايد پاڻ تي قرض سمجهندي) ٻارن لاءِ مُسلسل ايترو سنو نہ رڳو لکي پيو، پر ان کي نهايت سُهڻائپ سان ٻالڪ پڙهندڙن تائين پهچائڻ جو مُسلسل جتن بہ ڪري پيو.

**مقصود گل**

30 آڪٽوبر 2014ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رنگن جو اهڃاڻ

ياسر جِي ٻارن لاءِ ڪيل شاعري، جنهن کي سائين هيرو ٺڪر ”ٻال ڪوتائون“ تو ڪوٺي، جو مجموعو ”اَٽ ماما گوگڙو“، جو پهريون ورق ورائيندي ئي، اوهان جون اکيون وجي ”سائين قاضي عبدالحي قائل“ جي اکين سان ملنديون. جنهن جي مرڪندڙ تصوير ۾ نِگاهه، توهان جي دل ۾ احساس کي ڪجهه گهڙين لاءِ ياد جي دريءَ مان، هير جيَ جهونڪي وانگر ڇُهي ويندي. اوهان جڏهن ٻيو ورق ورائيندا، تڏهن محسوس ڪندا تہ، ڇڻ ڪنهن ٻاجهاري فرشتي توهان کي جاڳ جي سپني مان بيدار ڪري ورتو هجي ۽ حمد باري تعالىٰ جي پهرين سِٽ ئي، توهان جي ذهن کي پوري فارم ۾ آڻي ڇڏيندي، ڇو تہ اها شروع ئي سوال سان ٿي ٿئي! شعر هجي يا قصو ڪهاڻي، جڏهن اها اوهان کان اڻندي ئي سوال ٿي ڪري، تڏهن اوهان غير شعوري طور ان ۾ Involve ٿِي ٽا وجو!

تہ حمد جي پهرين سِٽ پڙهڻ سان ئي پڙهندڙ سوچي ٿو تہ، اهو ڪير ٿو ٿي سگهي! ان جو جواب ڇا ٿو ٿي سگهي!؟ شعر جي اِها ادا ۽ حُسن، ڪنهن شاعر کي سولائيءَ سان ۽ جَهٽ پَٽ ۾ هٿ ڪونہ ٿي اچي. ان جي پُنيان ضرور اها ٻاجهاري نظر، شفقت سان پريل هَٿن جو ڇُهاءُ ۽ ان پورهئي سان لڳاوَ جو نتيجو آهي.

هن حمد جي هر بند جِي پُڇاڙي ۾، ڏنل سوال يا ڳجهارت جو جواب بہ





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر ڏئي ڇڏيو آهي ته، "منهنجو خلقڻهار سو!" پر جي اهو جواب، نه به ڏنل هجي ها، تڏهن به نظم ۾ ڏنل سوال اهڙا سهڻا ۽ واضح آهن، جو ٿوري سمجهه رکندڙ ٻار جو ذهن به ان جي جواب تائين يڪدم پهچي ويندو ته، اهي ڪم خلقڻهار کان سواءِ ٻيو ڪير ٿو ڪري سگهي!

ساوڪون پَٽ تي پٿاري ڪير ٿو؟
باغ خوشبُو سان سنواري ڪير ٿو؟

ساوڪ جي پَٽ تي پٿارڻ، ۽ باغ، جو اڳ ئي سهڻو آهي، ان کي وري ٻار وانگر خوشبُو سان سنوارڻ وارو عمل، سهڻيءَ ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ، دراصل شاعر جو مشاهدو، بلڪ ننڍپڻ واري تجربي جي سهڻي پيشڪش آهي.

نظمن جا موضوع به نوان نوان آهن. ڪن نظمن کي ياسر نظم- ڪهاڻي يا واقعاتي رُوپ ڏئي، ٻارن لاءِ دلچسپيءَ جو سامان پيدا ڪيو آهي.

مَک وڃي مُلتان پُڄي وئي
رِڇ جي ويڳي ماءُ مري وئي.

اُٺ کي اِستنبول وٺي ويو،
ڏاچيءَ جي پازيب ڪٽي ويو!

انڊي ٻُلهڻ جي، پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، ڏاڍي دلچسپ ۽ معلوماتي آهي. اها ڄاڻ ٻارَ ته نهيو، سيني وڏن کي به شايد هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجون ننڍڙيون، ديد کان وانجهيل اکيون،
مـنـهـنـجـي پـالـڻـهـار، تـارَي ريءَ رکـيـون،
پـو بـہ اونـدهـہ، سـوجـهـري جـو پـئـي پَـتـو!

بُلهڻ واري، ان نظم جو عنوان آهي تہ ”انڌي بُلهڻ“ پر انڌي بُـلـهـڻ کـي نظم ۾ ڪٿي بہ ”انڌِي“ ناهي سڏيو ويو. هن جي بي ديد اکين کـي ديـد کـان وانجهيل اکيون لکي، هن نہ رڳو انهن اکين کي معيُوب هـئـڻ جـي طعـنـي ڏيڻ کان پرهيز ڪئي آهي، پر مهذب لفظ ڪَـتـب آڻـي، انـهـن لاءِ هـمـدرديءَ وارو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي. نہ رڳـو اهـو، پـر رَب جـي تـخـلـيـق کـان شڪايت بجاءِ شُڪر گذاريءَ وارو رَويـو اخـتـيـار ڪـيـو آهـي. ۽ ان نـظـم- ڪهاڻيءَ جو ٽرئجڪ ڪلائمڪس بُلهڻ جي اکين جو بـي نُـور هـئـڻ نـہ، پـر مهراڻ جي بي آب هئڻ تي ٿو ٿئي!

جَر جيئين مهراڻ جو سُڪندو ويو،
هورڙيان منهنجو نسل مرندو ويو!

روانيءَ سان لـکـيـل نـظـم، آهـن تـہ هـڙئـي خـوبـصـورت، آسـانـيءَ سـان جُهونگارڻ ۽ ياد ڪرڻ جهڙا، ليڪن ڪي ڪي بند تمام خـوبـصـورت آهـن ۽ انهن اِسمن جي تصوير جهڙا يا تصوير هيئنان تعارف طور ڏيڻ جهڙا آهن.

مثال:-

پوپٽ لاءِ:

رنــگ جــو اهــجــاڻ تــي اُڏري پــيــو،
خـوشـبُـوئـن جـي تـازگـي مـيـڙي پـيـو.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوبيءَ جو ڳل:

مـان ڳـل بــ هـان، سـبـزي بـــ هـان،
تـــي راڄ سـبــزيــن تـــي ڪــيــان!

ڪريلو:

ڪــو آ پـــتــاتـــي جـــيـــان مِـــٺـــو،
ڪـــو مـــون جـــيـــان ڏاڍو ڪـــڙو!

سڄ لاءِ:

لَـڪــن جي پـوئـتـان لـڙنـدو رهـي ٿـو
آ سڀ ڪجهہ عارضي، چوندو رهي ٿو!

ياسر قاضيءَ جو ٻارن لاءِ هي ڪتاب بہ رڳو وِندرَ جو وَڙُ نہ پر پيار جو پيغام ۽ مقصد جو ميوو پڻ آهي!

**علي دوست عاجز**

2 نومبر 2014ع

❑





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گِيتن جُون پـنيوريُون

مُنهنجو ماضي ڏاڍو خوبصورت آهي. شايد هي جملو پڙهندڙ هر شخص اهو سوچي تہ ماضي تہ هر ڪنهن کي سهڻو لڳندو آهي. ايئن بلڪل آهي، پر تنهن جي باوجود بہ آءٌ انهن گهٽ خوشنصيبن مان آهيان، جن جو ماضي واقعي آئيڊيل هُوندو آهي. منهنجو حال بہ ڏاڍو سهڻو آهي ۽ ان خوبصورتيءَ ۾ وڏو هٿ انهن سمورن ماڻهن جو آهي، جيڪي مونکي زندگيءَ جي هن سفر ۾ مليا. هر ماڻهوءَ کي پنهنجي نندپڻ سان خاص لڳاءُ هوندو آهي... مونکي بہ آهي. پر آءٌ نندپڻ کي هميشہ (اڄ بہ) مُڪمل طور پاڻ سان گڏ محسُوس ڪندو آهيان. آءٌ پنهنجي نندپڻ سميت پنهنجي هن وقت تائين جي گذاريل زندگيءَ جي محرُومين سان پڻ ڏاڍي پنهنجائپ رکان ٿو. ڇاڪاڻ تہ مُون انهن محرُومين مان بہ الاهي ڪجهہ پرايو آهي. انهن محرُومين جي شايد منهنجي والدين ۽ مُنهنجن ڀيڻ ڀائرن کي بہ خبر نہ هجي، ڇاڪاڻ تہ هر ڪنهن جي طلب جا معيار پنهنجا هُوندا آهن، پر مُون انهن محرُومين کي بہ ساهہ سان سانديو آهي ۽ جتي منهنجي تخليقي صلاحيتن ۾ مونکي مليل موقعن پنهنجو وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، اتي منهنجين محرُومين پڻ منهنجو وڏو ساٿ نڀايو آهي.

هر ماڻهوءَ جي اندر هڪ وسيع ڪائنات وسي ٿِي. سا مُنهنجي اندر بہ آهي. پر مونکي هڪ ڳالهہ جي پڪ آهي تہ جيڪا ڪائنات منهنجي اندر وسي ٿِي، ان جهڙي ڪائنات ٻئي ڪنهن وٽ بہ ڪانہ هُوندِي. اها خوش فهمي هرگز ناهي. پلي اها مُنهنجي اندر واري ڪائنات، ٻين جي اندر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسندڙ ڪائناتن جهڙي سُني نہ بہ هجي، پر هِن جي يڪتائي، ان جي خوبي آهي. مُنهنجا جيڪي پڙهندڙ، ٻڌندڙ، ڏسندڙ منهنجو ۽ مُنهنجي ڪم جو مشاهدو ڳچ عرصي کان ڪندا پيا اچن، اهي پليءَ پَت ڄاڻن ٿا تہ مُون ڪڏهن بہ ”نمبر وَن“ اچڻ جي ڊوڙ ۾ سهڪِي سهڪِي پنهنجي توانائي ضايع ڪانهي ڪئي، ڪڏهن تِي آر پِيءَ جِي گوءِ ۾ پنهنجي پيشڪش جي انفراديت ناهي وڃائِي، بلڪ اهڙو وکر آڇيو آهي، جيڪو ڪٿي ”بهترين“ نہ بہ هجي، پر بين ”هٽن“ تي دستياب وکرن کان مختلف ضرُور هوندو. بين لفظن ۾ منهنجي تخليق ”نمبر وَن“ پلي نہ بہ هجي، پر اهو ضرُور هُوندو تہ ”منفرد“ ضرُور هُوندي. ان ۾ ڪونہ ڪو اهڙو خيال ضرور هُوندو، جيڪو اڳ ۾ ڪنهن ڪونہ ڏنو هُوندو. منهنجي ان بيان تي تبصرو ڪرڻ جو حق فقط انهن کي آهي، جن منهنجي تخليقي پيشڪش کي ڳچ عرصي کان مشاهداتي نظر سان ڏٺو هجي.

منهنجي اندر اڄ بہ هڪ تخليقي ٻار وسي ٿو، جنهن کي پنهنجي جنم ڏينهن سان اوترو ئي پيار آهي، جيترو پنهنجي محبُوبہ سان... اُن ٻار کي اڄ بہ رتيديري جي ڪچين گهٽين سان پيار آهي ۽ ان کي اڄ بہ اميءَ جي جهوليءَ ۾ مٺو رکي سُمهڻ ڏاڍو وڻندو آهي. مُنهنجِي تخليقن ۾ ٻارڙن لاءِ رچيل بيتن، گِيتن ۽ نظمن جا مُحرڪ لنڊن ۽ واشنگٽن جي پوش علائقن جا ”ٽُئنڪل ٽُئنڪل لٽل اسٽار...“ ڳائيندڙ يا ”هيرِي پوٽر“ ڏسندڙ ٻارڙا ڪونهن، بلڪ منهنجي پِيلي اسڪُول جا مُنهنجا هم ڪلاسِي اُهي ميرا گدلا ٻار آهن، جيڪي وهندڙ نڪ ۽ ميرن ڪپڙن سان پر پاسي وارن ڳوٺن مان ايندڙ لارين ۾ چڙهِي اتر سنڌ جي ڏڪائيندڙ سيءَ ۾ ٺڙ ٺڙ ڪندا اسڪُول ايندا هئا ۽ مُون جيان ٻنا ٽيڪ وارين بئنچن تي ويهي ڏاهپ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبق پڙهندا هئا، جن منجهان گهڻن کي تہ رسيس ۾ شئي وٺي کائڻ جا پئسا بہ ڪونہ هُوندا هئا. مُنهنجا گيت سنڌ جي هاريءَ، مزدُور، ريڙهيارَ، ٻڪرارَ ۽ ڌنار جي ٻارن لاءِ آهن. مُون کي بہ اهو لکڻ ۾ انتهائي فخر ٿو محسُوس ٿئي تہ آءٌ ڪنهن پوتار، وڏيري، سيٺ يا دولتمند جو نہ پر هڪ استاد ابنِ استاد جو اولاد آهيان. آئُون سينٽ پيٽرڪس يا ماما پارسيءَ ۾ پڙهيل ڪاموڙڪو ٻار نہ، پر گورنمينٽ پرائمري اسڪُول نمبر 2 رتيديري جو پڙهيل هڪ وچولي گهراڻي جو ٻار رهيو آهيان، جنهن پنجين درجي جي اسڪالرسپ ۾ پوزيشن ماڻي، 720 روپيہ گهر آندا هئا، تہ گهر ۾ عيد جيتري خوشيءَ جو احساس ٿيو هو. آئُون ويڊيو لنڪ تي امريڪي ۽ برطانوي استادن جو پاڙهيل نہ پر سائين عبدالواحد ”شيدائِي“ جوکيي، سائين محمّد ايُوب سُومرَي مرحُوم، سائين محمّد منل چني، سائين منظُور دائي، سائين عبدالستار عبّاسيءَ، سائين محمّد عارف سولنگيءَ، سائين محمّد سليمان ساريي، سائين عبدالمجِيد سمي، سائين بهادر زنگيجي مرحوم، سائين حاجي نواب علي وِيسر مرحوم ۽ سائين ڪنعيالال هرچنداڻيءَ جو پاڙهيل ٻار رهيو آهيان، جن اڄ دنيا سان مقابلي ڪرڻ جي لائق بڻايو آهي.

مُنهنجي گيتن جو مُحرڪ اُهو پوڙهو مزدُور آهي، جيڪو سماعت کان محرُوم هو ۽ اسان جي گهران ڏاڏا سائينءَ جي چوڻ تي اُنُ پيهائڻ لاءِ ڃانورن يا ڪڻڪ جو اڌ ڪَٽو پنهنجي پوڙهن ڪُلهن تي کڻي چڪيءَ تي پهچائيندو هو ۽ اهو اٽو پيهجي وڃڻ کان پوءِ گهر پهچائي ويندو هو. ڏاڏا بابا ان کي پنهنجي مُنهن ڪيتري خرچي ڏيندو هو، اها اسان کي خبر ناهي، پر اسان ان پوڙهي جي نالي کان بہ واقف ڪونہ هئاسي. ان کي سڀ ”ٻوڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَنَ وارو“ چوندا هئا. مُنهنجي نظمن جو مُحرڪ تہ مُنهنجي پاڙي جو نوجوان الياس ٿُوناري (مرحُوم) بہ آهي، جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ هن جهان مان لڏي ويو آهي، جنهن کي سڀ ”ابُو چريو“ چوندا هئا، پر سندس اکين ۾ جيڪا هميشہ جِي آلاڻ هئِي، ان ۾ شايد ڪي اڻ چيا درد هئا، جيڪي هن پنهنجي عمل سان ڪئين ڀيرا اظهاريا، پر ڪن گهٽ ماڻهن ڄاتا. مُنهنجي نظمن جو مُحرڪ تہ پاڙي جو نيڪ مرد ڪاڪو بهادر سونارو (مرحُوم) بہ آهي، جنهن جي هَٽَ جا اسان ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڀيرا چڪر هڻندا هئاسين. جنهن وٽان مُنهنجي پيڻ گُڏي پنهنجِي پسند جِي ”چُوري“ ۽ آءٌ چانورن جا بوٽِينڊا، ”بون بون“ جُون ڪاريُون ٽافيُون ۽ ”ملڪِي“ (بيبِي) يا ڪڏهن ”نائِيس“ بسڪيٽ وٺندو هئس. مُنهنجي گِيتن جِي اوٽ مان ليـاڪا پائيندڙ تہ اسان جي اسڪُول ۾ چڻا وڪڻندڙ، ڪاڪو ڪوڙو، مُنهنجي پاڙي جو نيڪ مرد ڪاڪو شاهن ٿُوناري ۽ اسان جي پاڙي واريءَ مسجد جو ٻانگهو، ڪاڪو غلام حسين بہ آهن، جن جِي موجُودگِي ڪڏهن ”چاچي بصر“ تہ ڪڏهن ”بيبي بورچياڻيءَ“ جهڙن نظمن ۾ محسُوس ڪري سگهجي ٿِي.

مُنهنجي گيتن جي لکجڻ جي سببن مان تہ چَتيُن واري ٽوپي پاتل ۽ ڪستو ڪُلهي ۾ لڙڪائيندڙ، اُهو فقير بہ شامل آهي، جيڪو اسان جي گهر هر جمعي جي صبح جو نائين لڳي ڌاري اچي پنهنجي نهايت سُريلي آواز ۾ مولُود پڙهندو هو ۽ ڏاڏا بابا اسان کي هڪ رُوپئي جو چمڪِيلو سڪو ڏيندو هو ۽ اسان ڊوڙي وڃي اُهو روپيو ان فقير کي ڏئي ايندا هئاسي. اسان کي ان فقير جو نالو ڪونہ ايندو هو. اسان اُن کي ”جمعي واري فقير“ جي نالي سان ياد ڪندا هئاسي.

مُنهنجِي ڏاڏِي، رضيہ بيگم ڏاڍِي نيڪ عورت هئي. ڏاڏا بابا جي وفات کانپوءِ سندس پينشن کيس ملندي هُئِي. آءٌ هاءِ اسڪُول جي شروعاتي ڪلاسن ۾ هئس، جڏهن ڏاڏا بابا جِي مڪي ۾ وفات ٿِي هئي. امڙ کي سندس وفات تائين اها پينشن 305 رُوپيا 15 پئسا ملندي هئي، جيڪا نيشنل بئنڪ مان وٺي اچڻ مُنهنجِي ذميوارِي هُوندي هئي. اها پينشن وٺي اچي امان کي ڏيندو هوس تہ اُن مان واڌارا 5 روپيا 15 پئسا امان مُونکي خرچي ڏيندي هئِي. اهي 5 روپيا 15 پئسا ماڻي مونکي ڪيتري خوشي ملندي هئي، ان جو بيان شايد مان اڄ بہ لفظن ۾ ڪري نہ سگهان. منهنجي گيتن جو مُحرّڪ اهي 5 رُوپيا 15 پئسا بہ آهن.

جن ڪيفيتن ۽ ڪردارن جو مُون مٿي ذڪر ڪيو، ضرُوري ناهي تہ انهن منجهان هر هڪ جي نالي سان ڪو نظم هن ڪتاب يا ايندڙ ڪتابن ۾ شامل هجي، اهو بہ ضرُوري ناهي تہ ڪن نظمن ۾ انهن جو نالن سان ذڪر هجي، پر مختلف گيت سرجِيندي، اهي ۽ اهڙا ڪردار منهنجي شعُور توڙي لاشعُور ۾ موجُود ضرُور رهيا آهن.

بارڙن لاءِ آءٌ زوريءَ هرگز ڪونہ ٿو لکان. اهي موضُوع مُون تي پنهنجو پاڻ لهن ٿا، جيئن ڪينجهر ۽ منڇر تي سائيبيريا جا پکي هر سال سياري ۾ لهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ هڪ ئي وقت ايترن سارن خيالن جِي برسات ٿِي ٿئي، جو هڪ ئي وقت سين سِٽُن کي نوٽ ڪرڻ ناممڪن ٿيو پوي. مُون سان ڪئين ڀيرا ايئن ٿيو آهي تہ مُون هڪ خيال اجا درج پئي ڪيو تہ چار پنج خيال تيسين ايڏِي اُوچي پرواز اُڏِي ويا، جو وري هٿ ئي ڪونہ آيا. بلڪل ايئن، جيئن ڪي خواب، اک کلڻ تي وسري ويندا آهن يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙ سوا ياد رهندا آهن ۽ پوءِ ڪنهن سان اهو سپنو سَلڻ ويهو تہ اهو وِسري ويندو آهي. ايئن ڪڏهن ڪڏهن نون موضوعن، نون مصرعن ۽ بندن جُون شرارتي پنيوريُون ذهن ۾ "پُون پُون..." ڪري ورِي اُڏامِي پري هليون ويندڀُون آهن. اهو رڳو ٻارڙن لاءِ ڪيل شاعريءَ جي حوالي سان نہ پر عام شاعريءَ جي حوالي سان بہ ٿيندو آهي، تنهن ڪري ئي آءُ شاعريءَ کي هڪ "ڪُل وقتي عمل" چوندو آهيان. مُون سان ٻارڙن جي نظمن جا موضُوع تہ ننڊ ۾ بہ ڳالهائيندا آهن. مُونسان وَٺُون پنهنجِيون آتم ڪهاڻيون اوريندِيون آهن، جنهن جو هڪ ننڍڙو مثال هن ڪتاب ۾ شامل "انڊِي ٻلهڻ" وارو نظم آهي. ايئن سنڌُوءَ ڪان ونِي، لڪيءَ ۽ ڪيرٿر جبل تائين، رني ڪوٽ کان وني فيض محل ۽ ڪيٽي بندر تائين، ماڳ، مڪان، شهر، رستا ۽ ٻيُون وَٺُون مُون سان پنهنجيُون آتم ڪهاڻيُون اوريندڀُون آهن، جيڪي روايتي بنهہ ناهن هُونديُون. اهي سڀ ڪهاڻيُون آهستي آهستي پنهنجن پڙهندڙ ٻالڪن توڙي وڏڙن سان اوريندم.

اوهان کي شايد اهو پڙهِي حيرت ٿئي تہ ٻارڙن لاءِ نظم سرجڻ وقت آءٌ اُن موضوع توڙي اظهار جي انداز ۾ ايترو محو هُوندو آهيان جو مزيدار ڳالهہ لکندي مُنهنجي چپن تي پنهنجو پاڻ مُرڪ تري ايندِي آهي. "ڪِول ويڻي ڪوچ ۾ - ڪونہ پريئين ياڙو، رات ننڊڻ کي ڪنگھ ٿِي - جاڳاييئين پاڙو"، "رڇ جِي ويڳِي ماءُ مرِي وئِي" يا "ڏاچِيءَ آهي ڏُڏُ ولوڙيو... ٻليءَ کير جو ٻيڙو ٻوڙيو..."، "ڪِوليءَ رات ڏنِي اوٻاسِي... ڪاوڙجي وئِي شينهن جِي ماسِي"، "ڪالهہ سَهَي جو سُوٽ سبايو... اُن تي ڏاڍو داد ڪمايو" جهڙيُون سِٽُون لکندي هڪ فطري مُرڪ الائجي ڪيئن چپن تي چوريءَ چوريءَ ايندي رهِي، بلڪل ايئن، جيئن اوهان ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ڪوبہ مزيدار




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقعو پڙهندي يا ڪنهن ايس ايم ايس ۾ ڪو دلچسپ لطِيفو پڙهندي پنهنجو پاڻ چپن ۾ پيا کلندا آهيو. ساڳيو حال اسڪيچ ڊزائن ڪرڻ وقت به هُوندو آهي. اوهان هن ڪتاب ۾ "ابا ڙي... گهوڙا ڙي..." نظم جهڙا جيڪي به نظم ۽ انهن جا اسڪيچ ڏسندئو، انهن کي ناهِيندي مسلسل هڪ مُرڪ مُنهنجن چپن تي رهِي، جيڪا گهڻيءَ دير کان پوءِ مُون پاڻ پئي محسُوس ڪئي ۽ پوءِ محسُوس پئي ٿيو ته آءٌ لاشعُوري طور انهن ڳِيتن توڙي اسڪيچن ۾ ڪيترو ڳِهڙي (Involve ٿي) پيو انهن کي پني تي اُتاريان.

"اُٺ ماما گوگڙُو" يقيناً هڪ منفرد نالو آهي، جنهن جو سنئون سڌو تعلق مُنهنجي اندر جي اُن ٻار سان آهي، جنهن ڏانهن "ٻيڙيءَ ۾ چنڊ" (مُنهنجي پهرين انفرادي ڪتاب) ۽ هن ڪتاب جِي تخليق جو ڪريڊٽ گهڻو وڃي ٿو. هي سڀ نظم اُن ٻار جا سوچيل مرڪزي خيال آهن، جن کي سهڻا ڪپڙا پارائي تيل ڦڻي ڏيڻ جو ڪم منهنجي اندر جي ٻئي شاعر انجام ڏنو، جنهن کي ٿوري گهڻِي شاعريءَ جي مُروّج اصُولن جي خبر آهي.

جيئن ته هي تخيّل بنيادي طور تي اُن ٻار جو آهي، جيڪو اڄ به ياسرقاضيءَ جي تخليقي سُڄاڻپ جِي اڌ کان وڌيڪ جو حقدار آهي ۽ جيئن ته ٻار ڪڏهن به ڪُوڙ ناهي ڳالهائيندو، تنهن ڪري هن ڪتاب ۾ شامل سمُورا عڪس سچا آهن. ڪِن جا موضُوع ۽ انهن ۾ شامل مواد سنئون سڌو زميني حقيقتن تي مُشتمل آهن ۽ ڪن جا عڪس هڪ ٻار جي تصوّر تي ٻڌل آهن، ته هُو مختلف شين لاءِ ڪيئن سوچي ۽ تصوّر ڪري ٿو. مُون عمر جي لحاظ کان ٻارن کي ٽن ڪيٽيگرين ۾ ورهائي انهن لاءِ لکيو آهي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(جنهن جو ذڪر مُون پنهنجي پوئين ڪتاب ۾ پڻ ڪيو آهي). اهي ڪيٽيگريُون آهن: 2 سالن کان 7 سالن جا ٻار، 7 کان 13 سالن جا ٻار ۽ 13 کان 18 سالن جا ٻار. مُون هن پيري اُستادن ۽ والدين جِي سهُولت خاطر هر نظم جي مٿان هڪ، ٻن ۽ ٽن ستارن جِي صُورت ۾ ان جَي ڪيٽيگريءَ جِي نشاندهِي ڪئي آهي ته ڪهڙو نظم ڪهڙِي عمر جي ٻار لاءِ موزُون آهي. اهي ستارن جُون نشانيُون هنن ڪيٽيگرِيز جِي نشاندهِي ڪن ٿيُون:

* 2 سالن کان 7 سالن جي ٻار لاءِ
** 7 سالن کان 13 سالن جي ٻار لاءِ
*** 13 سالن کان 18 سالن جي ٻار لاءِ

ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته جنهن ٻار جي عمر جنهن ڪيٽيگريءَ واري آهي، اهو فقط اهي ئي نظم پڙهِي سگهي ٿو ۽ ٻيا نظم نه ٿو پڙهِي سگهي، پر ان جي ذهني سطح جِي پرُوڙ آهر، ان ڪيٽيگريءَ جِي نشاندهِي ڪئي وئِي آهي. ڪن ٻارن جِي ذهني عمر پنهنجِي عمر کان وڏِي ٿئي ٿِي. اهڙن ٻارن جِي سمجهه آهر ڪين سندن مٿين ڪيٽيگريءَ وارا نظم پڻ پڙهائي سگهجن ٿا. هن ڪتاب ۾ ٻه "ٻيڙِيءَ ۾ چنڊ" جيان 36 نظم شامل آهن، جن منجهان گهڻا نظم 2 تارن وارا (**) آهن، جنهن مان واضح طور تي سمجهڻ گهرجي ته مُنهنجو گهڻو فوڪس 7 سالن کان 13 سالن جا ٻار رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته اها عمر ٻالڪپڻي واري سمجهه جِي اُسرندڙ عمر ٿئي ٿِي. ان عمر جا ٻار هڪ ستاري وارا گيت به سمجهي سگهن ٿا ۽ ڪنهن حد تائين 3 ستارن وارا نظم به سمجهي سگهن ٿا.

ٿورائتو آهيان، سنڌ جي منفرد لهجي واري شاعر، چاچا علي دوست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”عاجز“جو، جنهن انتهائي گهٽ وقت ۾ سهڻو مُهاڳ لکِي ڏنو. سائين هيري ٺڪُر جو، جنهن دهليءَ مان مُنهنجي ڪتاب جي پوئين پاني لاءِ ٻہ اکر لکي موڪليا. پنهنجي پياري اُستاد ۽ سنڌ جي ناميــاري مُصوّر سائين فتاح هاليپوٽي (شرجيل) جا ڪهڙن لفظن ۾ ٿورا مڃان، جنهن هميشہ جيان (بقول سندن) مُنهنجي ”نادرشاهِي حُڪم“ تي سهڻو ٽائيٽل ڊزائن ڪيو ۽ اُٺ کي گوگڙن جو هار پارائي، لپسٽڪ لائي ڏنِي.

لکڻ منهنجو شوق نہ پر زندگي آهي، ۽ جيسين زندگِي آهي، قلم نہ رُڪبو. اهو قلم قوم جي هر فرد لاءِ لکندو. ٻار تہ مُنهنجي قوم جو آئندو آهن. انهن لاءِ لکڻ منهنجو فرض بہ آهي، مُون تي قرض بہ! تہ وقت جِي ضرورت بہ!! ڏٺيءَ گهُريو تہ هن قلم جِي مَسُ ٻارن لاءِ بہ ڪڏهن ڪانہ کُٽندِي. (آمين)!

**ياسرقاضي**
”منزلِ مقصُود“، ڪراچِي
djyasirqazi@yahoo.com
4 نومبر 2014ع

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




# اُٺ ماما گو گڙُو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★ ★

# منهنجو پالڻهار سو... (حمد)

سجُ اوير مان اُڀاري ڪير تو؟
چنڊ کي اُڀ تي سنواري ڪير تو؟
عرش تي ڪڪرن کي تاري ڪير تو؟
رات تارن سان نکارَي ڪير تو؟
مُنهنجو خلقڻهار سو...
مُنهنجو پالڻهار سو...

ڏينهن روشن، رات نارَي ڪير تو؟
هي پکي اُڀَ ۾ اُڏارَي ڪير تو؟
ٻاجهه سان ٻيڙين کي تارَي ڪير تو؟
پنهنجي ٻندن کي سنيارَي ڪير تو؟
مُنهنجو خلقڻهار سو...
مُنهنجو پالڻهار سو...





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسمُون ڌرتيءَ اُتاري ڪير تو؟
ساوَڪُون پَٽَنَ تي پٿاري ڪير تو؟
باغ، خوشبوءِ سان سنواري ڪير تو
نُور ڌرتيءَ تي اُتاري ڪير تو؟
مُنهنجو خلقڻهار سو...
مُنهنجو پالڻهار سو...

بادلن مان مِينهُن هارَي ڪير تو؟
گاج، ڪنوڻين مان پُڪاري ڪير تو؟
۽ ڏِڪي سياري اونهاري ڪير تو؟
تو جياري ڪير؟ مارَي ڪير تو؟
مُنهنجو خلقڻهار سو...
مُنهنجو پالڻهار سو...

هُو پُڇي تو: ”مُونکي سارَي ڪير تو
پيار مان پل پل پُڪاري ڪير تو؟
مُنهنجي رحمت ڏي نِهاري ڪير تو؟
۽ عبادت ۾ گذاري ڪير تو!؟“
مُنهنجو خلقڻهار سو...
مُنهنجو پالڻهار سو...


هُو اُتانهون ۽ اپَر
مان سندس بَندو بشر

❑





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★

# اوّل ۾ الله پَلو

اوّل ۾ الله پَلو — سائينءَ وڏو ساهه پَلو
قادر ۽ ڪلتار پَلو — سرور آ سردارؐ پَلو
پٽ ڏٽي سرڪار پَلو — سچّل سُهڻو يار پَلو
سنڌوءَ جو سهڪار پَلو — مُوهن جو آثار پَلو
پان، مَڇُر، پنيّور پَلو — ترڙي، ميهڙ، چور پَلو
سُهڻي ۽ ميهار پَلو — سانگهڙ ۽ تلهار پَلو
مورو ۽ ڀهلاڻي پَلي — هالا ۽ هالاڻي پَلي
ڪرڙي ۽ ڪنڊياري پَلي — مياڻي ۽ مٽياري پَلي
ڏولهه درياءَ خان پَلو — هوشُو شيديءَ شان پَلو
ڪوٽ ڏڄيءَ جو ڪوٽ پَلو — قمبر ۽ ڪنڊ ڪوٽ پَلو





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئي! مُنهنجو ديس جيئي!

ديسُ جيئي پرڏيس جيئي!!

❑


پيارا ٻارؤ!

دادُوءَ سان تعلق رکندڙ سنڌ جو مشهور مسخرو "مُحمد فقير مشڪرو" جڏهن مشڪري وجهندو هو، تہ اڳ ۾ هڪ ڏڳهو نظم پڙهندو هو، جيڪو شايد سنڌ ۾ ئي لکيل هو. جنهن جي پهرين سٽ اها ئي هوندي هئي، جيڪا مٿين نظم جي آهي، "اوّل ۾ الله پلو...

مُحمد فقير مشڪرو دادُوءَ ۾ دفن ٿيل آهي. سندس قبر جي مٿان جيڪو چپرو (ڇت) ٺهيل آهي، ان جي مٿان ان ئي نظم جُون ڪجهہ سٽُون لکيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★ ★

# نعت

"مُحمّدﷺ " نانءُ ڪيڏو آ پيارو
سمُورن مُرسلن ۾ مانَ وارو

هُجي سِجُ، چندَ، يا روشن ستارو
نبيءَ ﷺ جي نعت ڳائي هر نظارو

مديني جا مُنارا ڏين گواهي
مُحمّدﷺ آ نرالي شان وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زماني لاءِ گهاٽي ڇانوَ آهي
غريبن ۽ يتيمن جو سهارو

جهالت واري اونده ۾ اُجالو
نبيﷺ آ نُور نرمل، ناميارو

نہ گورَي ۽ نہ ڪارَي ۾ تفاوت
سڀن جي لاءِ رحمت جو اشارو

لٿو قرآن جنهن تي عرش تان، سو
اسان جو رهنماﷺ، رهبر پياروﷺ

وڻي جو واٽ، پيغمبر ڏَسِي جا
انهيءَ ۾ آ شفاعت، ڇوٽڪارو

ويو ڀَٽڪِي نبيءَﷺ جِي راهہ تان جو
انهيءَ جي لاءِ آ خطرو، خسارو

جهانن لاءِ رحمت آهہ جيڪو
اچو تنهن تي پڙهُون صلواة ٻارؤ!

❑





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★

# دعا

ڏٽي! مُون تي سدا احسان رکجان!
سلامت ٿُون سندم ايمان رکجان!

امن ۾ مُنهنجي هردم جان رکجان!
سدا وڏڙن جو اُوچو مان رکجان!

نصِيبن ۾ حَلالِي نان رکجان!
سدائين زندگِي آسان رکجان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـتـي هـن سـنڌ جـو ٿـون مـان رڪـجـان!
سـدا سـرهـو هـي پـاڪـسـتـان رڪـجـان!

مُـقـدّر تـي مـهـر جـو ڏيـان رڪـجـان!
عـطـا ٿـيـنـدڙ سـدا ٿـون گـيـان رڪـجـان!

سـدا هـر درد جـو درمـان رڪـجـان!
چـگـو مُـون کـي ڏيـڻ لـئـه دان رڪـجـان!

اتـل هـر آس جـو امـتـحـان رڪـجـان!
نـه کـوئـي دل انـدر ارمـان رڪـجـان!

مُـحـبّـت مُـسـتـقـل عـنـوان رڪـجـان!
سـدا جـاڳـنـدڙ ۾ هـيءَ جـان رڪـجـان!

شـرافـت سـان سـدا ايـمـان رڪـجـان!
خدا يا! مون کي تـون ”انـسـان“ رڪـجـان!

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★

## انسان

مُنهنجي ڏاڏيءَ ٻڌايو آ پاڀوهہ مان
مُنهنجي منٽِڙي امان!

هيڏِي ساري جا دنيا آ خلقِي خُدا
جنهن ۾ ماڻهُو جُدا...

پر اهي سڀ سراسر برابر اٿئي
ڪوبہ ماڻهن ۾ گورو يا ڪارو نہ ٿئِي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جو الله ڌڻي ڪو سهارو نہ ٿئي
ڪوبہ ٻنڌڙو نہ ٿئي، ڪو ڏکيو ڪو نہ ٿئي

ڪو سنهو ڪو نہ ٿئي... ڪو ٿُلهو ڪو نہ ٿئي
ڪو بنا تنگَ جَي، ڪو بنا ٻانهہَ جَي

ڪو بنا ڏيد جَي... ڪو بنا ڄيڏَ جَي
ڪوئِي ٻوڙو نہ ٿئي... ڪوئِي گُونگو نہ ٿئي

سارِي دنيا جا ماڻهو برابر ٿئي
تُون انهن جي بظاهر نہ عيبن ڏي ڏِس!

ڪوئِي محرُوم آهي تہ قدرت ڪيُس
پر بدل ۾ خدا ڪوڙ خوُبيُون رکيس

نُقص هر ڪنهن ۾ آ... هر ڪنهِين ۾ هُنر
ڪوبہ بيڪار خلقيو نہ خالق بَشَر

آهہ هر ڪنهن ڪي خُوبِي برابر ڏنل
ڪوبہ خامين کان ڪنهن طور ناهَي بچيل

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارا مذهب ۽ قومُون ۽ ذاتيُون مڙئِي
واسطي بس سُجاڻپ جي لاڳو اتئِي

ڪوبہ ڪنهن ڪان نہ آ ڪنهن طرح معتبر
آهہ هر ڪنهن جي هستيءَ جو پنهنجو اثر

صاف ڪنهن کي لَتو، ڪنهن کي ڪونهَي اجهو
پر نہ اُن ساڻ تئي ڪو وڏو يا ننديو

ربَّ کي سڀ نهايت ئي پيارا بشر
پيار تنهن سان ڪري تو گهڻو هُو مگر

جيڪو هن جَي تِو ماڻهن سان مُحبت ڪري
هن جِي مخلوُق سان جو چڱو تو هَلَي

خلقَ هُنَ جِيءَ سان جيڪو ڪدُورت ڪندو
تنهن سان الله هرگز نہ چاهت ڪندو


آهہ دُنيا ۾ ماڻهُو بُرو يا سُٺو
تيون قسم مُور ماڻهن جو آهي نہ ڪو

❑





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★

# اُٺَ ماما گوگڙُو

اُٺ مــامــا گـــوگـــڙُو!
ڦُوڪٽِي پئِيَ ڦاٽِي
ڏُڌ جِي آ چاڏِي
جهرڪِي آ جهازَ ۾
نانءِ جو چولو
تريلَ پٽاٽا
نيرن ۾ لسِي
اُٺَ مُنهنجا ماما!
ڏاچي مُنهنجي مامِي!
ڪُنيءَ ۾ پَلو

رسِي تُنهنجي سائِي
مائِيءَ ڀِڳي ماٽِي
جِيئي مُنهنجي ڏاڏِي
نانو آ نماز ۾
ڏوئڻ ۾ آ سؤلو
ڪوسا اُڦراٽا
ڀِڳي مُنهنجي بَسِي
ڪڏا ڏِسُ ڪامان
ڪُنِي آ اُٻامِي
مُنهنجو مامو ڀلو

❑





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




# بيڙيءَ ۾ چنڊ

رات ننڊ ۾ هڪ خواب لڌو آ
اَڄ تان روشن چنڊ لٿو آ
سُهڻو، اُجرو، خُوب چٽو آ
ڳوٺ جي ٻارن پاڻ ڏٺو آ
ٻيڙيءَ ۾ آ چنڊ چڙهيو ڏس!
ٻيڙيءَ ۾ آ چنڊ...

ٻيڙِي سنڌوءَ منجهه تَرِي ٿي
ٽڏڙِي ٽڏڙِي هِيرَ ڳهُلِي ٿي
تارا ٽِمر ٽِمر اُڀَ ۾ ٽمڪيا
روشن روشن چم چم چمڪيا
چنڊَ ۾ هڪڙو عڪس هو سهڻو
جڻ سو ٻالڪ هو منَ مُهڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُـــرڪ لـــبـــن تَـــي هُـــن جَـــي آئِـــي
لـــهـــر لـــهـــر ڏسـنـدَي شـــرمـــائِـــي
پـــالـــڪَ ســـپ حـــيـــران ويـــا ٿِـــي
جـــهـــٽ ڪـــن لـــئـــہ بـــي جـــان ويـــا ٿِـــي
تـــارن اُيَ تـــان مُـــرڪُـــون آڇـــيُـــون
تـــيـــز هـــوا ڪـــاڏيُـــون ڦـــيـــراٽـــيُـــون
رات ٿَـــي ڪـــوئِـــي مَـــنـــدُ چـــڙهـــيـــو ڏِسُ!
بـــيـــڙيءَ ۾ آ چـــنـــد چـــڙهـــيـــو ڏس!
بـــيـــڙيءَ ۾ آ چـــنـــڊ...

نـــيـــٺ ٽِـــمُـــونءَ جِـــي نـــنـــڊَ ڦِـــٽِـــي وئِـــي
روشـــن روشـــن رات چِـــٽِـــي وئِـــي
هـــاڻ نـــہ بـــيـــڙِي، چـــنـــڊُ، نـــہ پـــاڻِـــي
چـــڻ تـــہ بُـــڌايـــس ڪـــنـــهـــن آڪـــاڻِـــي
هـــيـــڏي هـــوڏي ڏســـنـــدَي ٻِـــيـــهـــر
لـــيـــٽـــيـــو اڪـــڙيُـــون ٻُـــوٽـــي نِـــيـــنـــگـــر
ڏاڍِي ڪـــوشـــش يـــار! ڪـــيـــائـــيـــن
ڪِـــيـــن ورِي ســـو خـــواب ڏٺـــائِـــيـــن
مُـــور نـــہ هُـــن پـــر خـــواب وســـاريـــو
ســـنـــگـــتـــيـــن، ســـاٿـــيـــن ســـاڻ پـــچـــاريـــو
بـــيـــڙيءَ ۾ آ چـــنـــڊ ڏٺـــو مُـــون!
بـــيـــڙيءَ ۾ ڪـــو چـــنـــد...

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★ ★

# بِلي مُنهنجِي

کڏهن مُون سان رهي رانديُون
کڏهن پائي ٽِي رانيُوٽا
کڏهن بيدار دوڙي ٽِي
کڏهن پنکيُون، کڏهن جهُوٽا
کڏهن راضِي، کڏهن ڪاوڙ... مگر آ دادلِي مُنهنجِي
بِلِي مُنهنجِي...

پيئي ٽِي کِير زوريءَ پر
چباڙي چاهه سان چيچڙا
جڏهن مانيءَ تي ويهان مان
ڪري پاچا پَٺي سڏڙا
سُمهي ٽِي ساڻ مُون سان اوٿ ۾ اوڍِي رلهِي مُنهنجِي
بِلِي مُنهنجِي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگر ناهيان ڪڏهن گهر ۾
تہ منهنجي وات واجهائيتي
وڃان بازار ڏي جيڪر
تہ گڏ مون سان ٿي ڪاهي
هلي پيو پيان ڪڏهن آڏو، ٻٽي ساٿڻ پلي مُنهنجي
ٻلي مُنهنجي...

ڪڏهن پاڇو ڏسي پنهنجو
چنبن سان تنهن کي چنبڙي ٿي
ڪڏهن پٽ تي هلي، ڇت تي
ڪڏهن وڻ ساڻ لڙڪي ٿي
ڪڏهن ٿي بال سان کيڏي، چنبيلي چلولي مُنهنجي
ٻلي مُنهنجي...

ڪُوئن جي جان جي دُشمن
سين ياتين جي پياري آ
ملي مُونکي اچانڪ پر
وڏي چاهت سان ڏاري آ
سيئي يانئن پلي هن کي، مگر آهي نلي مُنهنجي
ٻلي مُنهنجي...

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★ ★

# منهنجِي ڪُمي

مُنهنجي ڪُمِي — پياري ڪُمِي
سنڌُوءَ جي ڪُنَ وارِي ڪُمي

جيڪا ٿرِي سنڌوءَ منجهان
نڪتي اچي گدُّوءَ وٽان
جنهن کي ڪنيو مُون هيج مان
پالي ڪيم تنهن کي جوان
ڪيڏِي ڪڏهن مُونسان گهُمِي

مُنهنجِي ڪُمِي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


منهنجي پڪي هيءَ ساهڙي
جنهن جي ڳچي ڪُجهه ناسڙي
لڳندي آ تُوري وائڙي
ڪنهن پل آ پاڻيءَ ۾ گهڙي
ڪنهن ويل خشڪيءَ تي گهُمي
مُنهنجي ڪُمي...

ڪوپو ته جڻ اخروٽ آ
شايد ڪڇُونءَ جي سؤٽ آ
يا پوءِ سڳي ماروٽ آ
هوريان هلڻ جي توت آ
ڏسندي ڏجي تي آدمي
مُنهنجي ڪُمي...

هر پل ٿي منزل ڏي وڌي
ڏاڍي ٿي هُوءَ محنت ڪري
آئي سهو پويان ڇڏي
جنهن گوءِ هارائي جڏي
ڊوڙي، وري تورو سُمهي
مُنهنجي ڪُمي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★ ★

# انڌي ٻلهڻ (انڊس بلائينڊ ڊالفن)

نانءُ منهنجو آهه "انڊس ڊالفن"
سنڌ ۾ "انڌي ٻلهڻ" مُونکي چَوَن

مان رهان سنڌُونديءَ ۾ ٿِي رُڳو
جنهن جو پاڻي آهه مُنهنجو آسرو

منهنجِي هڪ ٻي ڀيڻ *1 "گنگا" ۾ رهَي
هند جي پاڻيءَ ۾ ٿي جيڪا ترَيَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واٽُ *2 ”سيسر“ وانگيان مُنهنجو ڏگهو
پيٽ آهي گول ۽ ٻُت ٽوٻرو

منهنجيون ننڍڙيُون ڏِيد ڪان وانجهيل اکيون
*3 منهنجي پالڻهار تارَي رِيءَ رکيُون

پوءِ بہ اوندهہ سوجهري جو پئي پتو
پڻ ٻُڌڻ جو آهہ مُون کي حوصلو

آءٌ پاسيِرو تران ٿي هر گهڙي
گول گردش ۾ رهان ٿِي هر گهڙِي

منٽ يا اڌ منٽ ۾ پاڻيءَ مٿان
آڪسِيجن لاءِ اُيرِي ٿي اڇان

آءٌ چوماسِيءَ ۾ *4 اوپارِي ترِي
ٻن مهينن ۾ لهِي واپس ورِي

موٽ ٻئراجِي ذخيرن ڏي ڪريان
*5 آبَ اُونهي ۾ ٿي اڪثر مان رهان

ڪو زمانو هو تہ ٻي انداز هُئم
سنڌ کان ڪشمِير تائين پئي مليم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جر جيئين مهراڻ جو سُڪندو ويو
هورڙيان منهنجو نسل مرندو ويو

جيئن ٻئراجُون اَڏيُون هڪ ٻئي ڪانپوءِ
تنگ تنهن مون تي ڪري پاڻي چڙيو

هاڻ مان سگر ڪان ناهيان هيٺ بس!
تِي ختم منهنجو نسل ويو نيٺ بس!

اي مُهاڻؤ! مالڪؤ سنڌُوءَ سندا
ڏيان سان منهنجِي ڪَنايو التجا

نسل مُنهنجي ڪي بچائڻ جِي ڪيو
ڪوششُون پرپُور ڪي گڏجِي ڪيو

سنڌ جي مان پِي سُجاڻپ آهيان
آءٌ سنڌُوءَ ۾ جِيئڻ تِي چاهيان.

□

---

پيارا ٻارؤ!

*1 "گنگا"، ڀارت مان وهندڙ هڪ مشهُور ندي آهي
*2 "سيسر" واڳُونءَ جو هڪ قسم ٿئي ٿو
*3 "اندس ڊالفن" جُون اکيُون ننڍيُون ٿين ٿيُون، جن ۾ تارا ڪونہ ٿا ٿين، جنهن ڪري هُوءَ ڏسِي نہ ٿِي سگهي
*4 اوپارو ترڻ = پاڻيءَ جي وهڪري جي طرف جي خلاف يا اُبتو ترڻ
*5 آبَ = پاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★

# چنڊ تي ويٺل ڏاڏي

ننڍپڻ کان هڪ ڳالهه ٻُڌون تا
وڏڙن کان سؤ بار سُڻون تا
چنڊ تي هڪڙِي ڏاڏِي ويهي
سالن کان هڪ جاءِ تي پيهِي
* 1 چرخو پئي هر پل ڦيرائي
ڪنهن سان مُور نہ تِي ڳالهائي
ورهن کان هُوءَ چرخو چورَي
چنڊ تي * 2 آتڻ ڪي ٿِي اورَي
چنڊ کي ڌرتيءَ تان جَي گهُوريُون
پل کن لئہ ڏوري سڀ ڏُوريُون
چنڊ چتائڻ ساڻ لڳي ٿو
جهٽ کن لئہ احساس ٿئي ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ تي واقعي پوڙهِي آهي
جيڪا چرخو پئي ڦيرائي
پر چا واقعي ڏاڏِي ڪائِي
پُورن وارن وارِي مائِي
صدين ڪان سو ڪم ڪرَي پئِي؟
چنڊ تي چرخي ساڻ چُرَي پئِي؟
چنڊ ڪُراڙو آهه قديمِي
جنهن جي لاٽ نہ ٽِيندِي ڏِيمِي
چنڊ تي پر جا آهي پوڙهِي
جنهن آ ڪم سان پريت نہ توڙِي
چنڊ ڪان ٿنهنجِي عمر وڏِي آ؟
ڪَٿ نہ تنهن جِي ڪنهن اورِي آ
بولِي ڪهڙِي ڳالهائي تي؟
چنڊ تي آخر چا ڪائي تي؟
* 3 آرم اسٽرانگ مليو آ اُن سان؟
ڪي پل ساڻ ڪليو آ اُنَ سان؟
هي سپ سُوالَ ستائن چو تا؟
مُنهنجِي ننڊَ ڦٽائن چو تا؟؟

❑


---

پيارا ٻارؤ!

*1 ”چرخو“، اُهو اوزار آهي، جنهن سان سُٽ ڪتبوآهي (ڏاڳي ٺاهڻ جي سادِي مشين)
*2 آٽڻ = سُٽ ڪَتڻ جِي جاءِ
*3 نِيل آرم اسٽرانگ = جنهن جي لاءِ ڪي سال اهو مشهُور رهيو تہ هُو چنڊ تي قدم رکندڙ پهريون انسان هو، پر هاڻي تازِي تحقيق مطابق فرانس ان ڳوڙ تان پردو کنيو آهي تہ اها فلم نقلي هئي، جنهن ۾ 20 جُولاءِ 1969ع تي نيل آرم اسٽرانگ (خلاباز) کي چنڊ تي گهُمندي ڏيکاريو ويو هو ۽ اها امريڪا جي هڪ اسٽُوڊيو ۾ رڪارڊ ٿِي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




☆ ☆

# پوپٽ

پيارَ سان ڀرپُور پوپٽ کي ڏسو!
اندلٺ جا رنگ تتليءَ ۾ پسو!

رنگَ، جنهن جا پرَ نکارَي تا اُڏن
مست ٿِي ٻارؤ! هوا ۾ تا لُڏن

رنگَ سڀ پرورَ ڏنا ٿس پيار سان
مؤسمُن جي ست رنگِي سهڪار سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باغ ۾ وڻ ٽڻ، پنن سائو ڏُس
۾ گلابي گونچڙن ڳاڙهو ڏُس

سرنهن کان پيلو وتائين پيار مان
سُونهن ورتائين سڄي سنسارَ مان

آسمان نيرو ڏنس نروار ٿي
چندَ چمڪيلو ڏُس چمڪار ٿي

واڱڻائي رنگ واڱڻ کان وٺي
سُونهن سان پوپٽ ويو سينگارجي

حُسنَ جو اُهڃاڻ ٿي اُڏَري پيو
گُلَ چُمي خوشبُوءِ سو مَيڙيَ پيو

پاڻ پي بارؤ! اچو! سُرهاڻ جُون
خُوشبُوئُون ميڙيُون، مُحبّت کي ونڊيُون

□





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★ ★

# ڪتابن سان دوستي

هيڪلائيپ جي نہ آهي بي وسِي
مون ڪتابن سان رکي آ دوستِي

اهڙا مُخلص هِن، رنجائن ڪين تا
علم تا ورچن، سَهائن ڪين تا
هِي ڏئِي هرگز، جتائن ڪِينَ تا
ظرف جي معنيٰ بُڌائن تا چِٽِي
مون ڪتابن سان رکي آ دوستِي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ مُحبت ميٺ سيکارين ٿا
سچَ وارو عڪس ڏيکارين ٿا
زندگيءَ جِي ناوَ کي تارِين ٿا
هر اکر مان ٿِي ملي جڻ روشني
مون ڪتابن سان رکي آ دوستِي

وقت گذرڻ جو نہ ٿو احساس ٿئي
جهل جِي اُوندھ ٿِي جن سان ناس ٿئي
عام ٿو جن کي پڙهڻ سان خاص ٿئي
سؤلڙي، ٿئي زندگي جن سان ڏُکي
مون ڪتابن سان رکي آ دوستِي


هر ورق تي ڪا نئين تصوير آ
ڏار هر ڪنهن جِيءَ جِي تقدِير آ
هيءَ حياتي ساھ جِي زنجيرَ آ
زندگي جڻ مامَ ڪا آهي سچِي
مون ڪتابن سان رکي آ دوستِي

پر ڳُجهارت سا پرُوڙڻ واسطي
دوستِي جيڪو ڪتابن سان رکي
سو مزي سان جام ڏاهپ جو چکي
علمَ سان ٿنهنجو وجي مَنُ واسجِي
مون ڪتابن سان رکي آ دوستِي

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★★

# رڪشي وارا

رڪشـــي وارا چـــاچـــا!
مـنـهـنـجـا آلا تـي ويـا پـاچـا
مـونـڪـي وچـڻـو آ ڪشـمـور
مـون کي پـهـچـائـج ڪـنـهـن طـور

رڪشـــي وارا پـــائـــي!
مـون کي ڪـونـہ مـلـيـو آ نـائِـي
ڪـونـهـن پـنـهـنـجا وارَ ڪـٽـايـا
مـون کـي وچـڻـو آ *1 هَـيـلايـا





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪشـــــــي وارا ڏاڏا!
مُـنـهـنـجـا چـوري ٽـي ويـا پـاڏا
مـون ڪـي ٽـيـنـدي پـوء دلـجـاءِ
مـون ڪـي مـورَي ٽُـون پـهـچـاءِ!

رڪشـــــي وارا ڪـــاڪـــا!
چـو تـو ڪـارائـيـن ٽُـون جـهـاڪـا
ٽـورو هـوريـان رڪـشــو چـور!
مـونـڪـي پـهـچـائـج ٽُـون چـور

رڪشـــــي وارا مـــامـــا!
سـامـهُـون خـوب ڪـڏا ۽ ڪـامـان
گـاڏي هـوريـان هـوريـان ڪـاهـ!
مـونـڪـي مـتـيـاريءَ پـهـچـاءِ!

مـونـڪـان پـاڙو ونـجـان ٽـورو
آهــيــان پــالــڪ آءٌ سـدورو


❑

*1 هيلايا = ڪِينجهر ڪناري هڪ ڳوٺ





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★

# شينهن جي سَيرب

چرچو ناهي سچُ آ، جائي
لُومڙ شينهن جِي سَيرب ناهي

شيونگ جو سامان وتائين
بُرش ۽ ريزر ساڻ کنيائين
شيو جِي پُورِي تيارِي ڪيائِين
سارَي جهنگل کي ڏِسيائِين
سربستِي هيءَ صاف سچائِي
لُومڙ شينهن جِي سيرب ناهي...





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ لئہ ويو پاڻ ڦليلي
ساڻ سهي کي ساري ٻيلي
ڪڍَ لڳي پئي ساڻن چيلي
جڻ تہ رواني ٿي ڪا ريلي
هاڻي سڏبو جهنگ جو نائي
لُومڙ شينهن جي سيرب ٿاهي...

لُومڙ لئہ اعزاز وڏو هو
هُونءَ تہ هر ڪمَ منجهہ جَڏو هو
هُن جو هر ڪنهن ساڻ ڦڏو هو
۽ سينِي ڪان ڏارَ لَڏو هو
بخشيَس پر هِن ڳالهہ وڏائي
لُومڙ شينهن جي سيرب ٿاهي...

شِينهن جي آڏو هوشَ خطا هَس
شيو ڪندي پي لِڳَ ٿڏا هَس
جهنگَ جا سيئِي دوست ڪنا هَس
دِپَ ۾ ڏڪندڙ سَنڌ هَڏا هَس
ڇُڪَ ڪَيَم جَي، ويندو ڪائي
لُومڙ شينهن جي سيرب ٿاهي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيت نهي وئي سُهڻي سيربَ
ڪانـہ مليس ڪا شِينهن وٽان دَٻ
دال منجهاران نڪتَس جڻ رَٻ
لُومڙ جي بس ڪالهہ رَکِي رَبَ
شينهن ۽ شِينهڻ خوش ٿيا جائِي
لُومڙ شينهن جِي سيرب ٿاهي...

شينهن خوشيءَ مان ياڪر پاتس
شِينهڻ ڪيس ڏني پڻ شاباس
سيني خوش ٿي سيني لاتس
جهنگل ساري سهرا ڳاتس
سيني ڪاڏي ڪير ملائي
لُومڙ شينهن جِي سيرب ٿاهي...

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★

# منهنجي سائيڪل

بـابـا سـائـيـڪـل ڏيـارِي آهـي
مـونـڪـي ڏاڍِي پـيـارِي آهـي

روز صـبـح اسـڪُول وڃـان تـو
گهر جو هر ڪم ڪار ڪيان تـو
پـيـڻ ڪـي چـڪـر تـو ڪـارايـان
سـنـگـتـيـن ڪي پِـي ساڻ گهـمـايـان
تـي وئـي واهـ! بـهـاري آهـي
بـابـا سـائـيـڪـل ڏيـاري آهـي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام جو ٽيُوشن تي پهچڻ لئہ
سبزيءَ لئہ بازار وڃڻ لئہ
ساٿارين سان گوءِ يچڻ لئہ
ٽڪڙو سودو سُود وٺڻ لئہ
سولِي خُوب سواري آهي
بابا سائيڪل ڏياري آهي...

وقت تي مان هر جاءِ پُڄان ٿو
ڦڙتيءَ ۾ هر ويلَ رهان ٿو
سُستيءَ کان مان هاڻ بچان ٿو
سانجهيءَ کان اڳ گهر موٽان ٿو
محنت هردم جاري آهي
بابا سائيڪل ڏياري آهي...

تيز نہ هِن کي مُور هلايان
پاڻ کي مان بين ساڻ بچايان
رَش ۾ مان ڇا لاءِ يَڄايان؟
هوش ڀلا ڇا لاءِ وڃايان؟
مُونکي هِيءَ هوشياري آهي
بابا سائيڪل ڏياري آهي...


وقت جِي ڏس! رفتارَ تکِي آ
قسمت محنت ساڻ کُلي آ؟
محنت ۾ ئي سوبَ سچِي آ
سچَ جِي ڪڏهِين مات نہ ٿِي آ
ان کان ڪو انڪارِي آهي؟
بابا سائيڪل ڏياري آهي...

❑





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★ ★

# ڏيڏر جو ڏاڏو

ڏيــڏر جــو تــيــو ڏاڏو ڏٻــرو
لُـڏڙي ڏوتـو شِـيـنـهـن جـو هُـجـرو

سُـرخِـي ڪُـونـج لـبـن کـي لاتِـي
ڪانگ مـنـجـهـنـد جـو عـيـنـڪ پـاتِـي

چـٻـرو، ڪـوئـل وٽ پُـڄِـي ويـو
هـفـتـي ۾ سـو راڳ سـکِـي ويـو

راتِ ڪُمِي تي وِيءَ ۾ آئِي
لوڻُوءَ جِي جنهن ڳالهه ٻُڌائِي

ڏاڍِي آهي ڏُڏُ وَلُوڙيو
ٻِلِيءَ کير جو ٿيڙو ٻوڙيو


ڳالهه سڀني جو سُوَرَ سڀاڻو
اُن تي ڏاڍو داد ڪمايو

پوپٽ ڪئي پرفيُوم وٺي وئي
هرڻي، شينهن ڪان ڳوءِ ڪٺي وئي

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




## هفتي جو ڦيرو

سُومر تي اسڪُول کُلي ٿو
وقت جو ڏاڍيان گهنڊ وڄي ٿو

آرس ڇڏ! اڱارو آيو
محنت جو آ وارو آيو

اربع تي استادَ پڙهايو
* 1 "بيوس" جو جنهن بيت سُڻايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن خمِيس جو خير سان آيو
وقتِ وڏو آهي سرمايو

آهہ جُمعيءَ جي ڳالهہ نرالِي
محنت جي آ سوپ سوالِي

ڇنڇر جو تہ سڄُ پڪاروي
محبت من کي خوب اجارَي


آچر تي اسڪُول کي تالو
هر ڪو موڪل جو متوالو

هفتيءَ جو پيو ڦيٿو ڦرندو
محنت وارو مُور نہ مُنجهندو

*1 بيوس = مشهُور شاعر ڪِشنچند بيوس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★★

# شينهن جي ماسِي

ماڪوڙي جي خواب ۾ سيِرو.
نانِيءَ گھوٽيو ٽاڊل، ڄيرو

مَڪ اُڏِي مُلتان پُڄي وئي
رِڃَ ڄِي ويڳِي ماءُ مرِي وئِي

هرڻيءَ ڪلهه مهمانَ گهُرايا
تن لئہ تازا روٽ پچايا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

أُٺ ڪي استنبول وٺي ويو
ڏاچيءَ جي پازيب ڪٽي ويو

جاهَي ڪي ٿيو *”وارَ ـ چريو“ آ
مَينهن مڪڻ سان پيٽ پريو آ

شِينهن جي ٻڪريءَ سان ٿي شادِي
ويچاري ٻڪرِي آ سادِي

سِگرين جو ٿي ٻوڙ پچائي
مُڙس ڪي لُوسڻ ٿي ڪارائي

ٻلڙي آهي شينهن جي ماسِي
چِتڪمرِي، ڪجهه رنگ جي ناسِي

ماسيءَ ٻلڙيءَ شِينهن پڙهايو
ماسيءَ ڪي سو ڪائڻ آيو

ڪِوليءَ رات ڏِني اوٻاسِي
ڪاوڙجِي وئِي شينهن جي ماسِي

❑

*”وارَ - چريو“ = هڪ بيماري، جنهن ۾ وارن جو هڪ خاص ڇُڳو ڇڄي ويندو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★ ★

# ذائقن جو ديس

کنڊ پُڳڙا ۽ پتاشا، ڳُڙ، مَلائِي، ڪارڪُون
کيرَ پيڙا، رس گُلا، توشا، لڏون، برفيُون منيُون

زعفرانِي کير، بوتل، جُوس، شربت ۽ لسِي
کِيرڻِي، ڪسٽرڊ، قلفِي، جيم، جيلِي آ مٺِي

ڦاروان، گدرا، هنداڻا، ٻيرَ، ڪيلا، موسميُون
انبڙيُون، آلُوبُخارا، صُوفَ، ڏاڙهُون ۽ ڄمُون





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بـنـد گـوبِـي، ٿُـومَ، پـالـڪَ، گـوگـڙُو، مـيـهـا، مـٽـرَ
ساڳُ، بِهَـ، لُـوٽـڪَ، پـتـاتـا ۽ ڦـريُـون، سـاوا بـصـرَ

دال ارهـڙَ، اُڙد، جِـي يـا مـانـهِـ مـتـرن جِـي پـلِـي
رانهِن، مهرِيءَ ۽ چٽن جِي پڻ چڱي مُڱَ گُوار جِي


ڪـتـمـنـا، مصـرِي، نُقُـل، مُـسـتِـي مـنِـي، لائِـي، نـبـات
چاڪليـٽـي چاشـنـيُـون، بـنـٽـيـوُن ۽ لـولـي پـاپ وات

وات ۾ پـاڻِـي اچـي ويـو، هـاءِ! چـا چـا يـاد پـيـو
ذائـقـي جـي ديـس جـي هـر رنـگَ ۾ آهـي مـزو

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★★

# جانورن جو ميلو

ڪالهه خچر "خاٽوٽ" مان آيو
اُٺ "نئين امروٽ" جو ڄايو

ٻڪريءَ جو آ ديس "ٻُهارا"
ڪُونجَ سنياليا "ڪُنبَ" ـ ڪنارا

*1 سانبر، "سڪر" واريءَ ٻُل تي
ڏُڪندي ڊوڙون پائي دل ٿي

"ڪوٽ ڏيجيءَ" ۾ ڪرڙي ڦاٿِي
ڪاڪَي ڪندَي ماڪِي لاٿِي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورَ مچي ”ڪينجهر“ ۾ ڳائي
ٿوريءَ وارو ڳيچ ٻڌائي

ڪارِيهر جو ڏنگ هٽِي ويو
ڪالهه *2 ”ننگر“ ۾ نور مرِي ويو

ڪارُونجهر تي مور نچي ٿو
نانگ کي ڏسندَي خُوب چڙَي ٿو

جهرڪيءَ پيتو ڳوهه جو پاڻِي
”سوندا“ پاسَي پوءِ اُڏاڻِي

ڪانءُ اُڏِي ”ڪنديارَي“ پهتو
”سِيتا“، ”پانَ“، لتاڙي پهتو

”ڪيبر“ مان ڪا ڪڪر اُڏاڻِي
*3 چينل مان تنهن پِيتو پاڻِي

سيڻِي جِي آ سنڌ سونهارِي
جهُومي جنهن جو هارِي، نارِي


❑

---

*1 سانبر - ڳڌ، جابلُو ٻڪر
*2 ”ننگر“، ٺٽي جو پراڻو نالو آهي.
*3 ”چينل“ هڪ واهه جو نالو آهي، جيڪو حيدرآباد مان وهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★★

# سجّ جا چار پهرَ

صبح جو سجُ ٻارن جيان جمَي تو
اُتِي اوپرَ منجهان آرس ڀجَي تو
سلَي تو صبح جا روشن سنِيها
پُڪارن تا ڪبُوترَ، ڪانگَ، چِيها

جوانِي سجُ ماڻي تو منجهند جو
تپي، گرمِي اُماڻي تو منجهند جو
سيئي ڪمَ ڪارَ ۾ چُستِي ونن تا
تڏهن هِي ڪيتَ گرميءَ تي پچن تا

لڙَي تو سجُ تِي اڏڙوت آخر
ٽپهرن جو جهَڪِي گرمِي بظاهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هِي شامَ جا پاڇا لڙَن ٿا
پکي پنهنجن ڪکن واپس وَرن ٿا

ڪُراڙو سجُ سانجهيءَ جو لهي ٿو
ٿڌو ٿِي ڳَاٽ، اولهَ ۾ وڃهي ٿو
لَڪن جَي پوئتان لَڙندو لهَي ٿو
آ سڀ ڪُجهه عارضِي، چوندو وڃي ٿو

سفر آهي حياتِيءَ جو ٻه ساڳيو
ڳَٽيو تنهن، سجُ سان جيڪو ٻه جاڳيو
اڳِي ان ڪان جو *1 سانجهِي ٿئي، سُمهِي پٿُون
اسان انسانيت جِي آسَ تِي پٿُون


□

پيارا ٻارؤ!

*1 هن سٽ ۾ ”سانجهي ٽيڻ“ مان مُراد زندگيءَ جِي شام ٽيڻ يا حياتِي پُورِي ٽيڻ آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★ ★

# ڦيٿي جو ڪمال

منهنجو نالو آهه موٽر سائيڪل
منهنجي ٻن ڦيٿن ۾ جادُو آ لِڪَل
گُهرج بس بيلنس ٽورَي جِي اٿم
سگهه تِرڪَڻ ڪان ٻچڻ جِي ڪانه ٿم
پر هلايو جي ذرا هوشيار ٿِي
مان سوارِي آهيان سَستِي، سُٺِي

ڪارآمد، مُنهنجو نالو ڪار آ
جنهن کي ناهيان، سو بنهه بيڪار آ
چئن ڦِيٿن تي گهُمايان مان جهان
شهرَ، ٻهراڙيُون، ٻِهي وستيُون ۽ مڪان
مُون ۾ آڪهه ٽِي اچي ويهي سگِهي
ميلَ منٽن ۾ ٽِي اُڪلايان پڄِي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهنجو نالو ٽرڪ آهي محترم!
بارَ کي ڍوئڻ آ منهنجو خاص ڪم
مان ڳرا سامانَ کڻندي پاڻ سان
مُلڪَ، ڪندَ، دُنيا لتاڙي ٿِي سگهان
مُنهنجِي ٿوري سست آ رفتارَ، پرَ
بار ڍوئي مان ڊگها ڏوريان سفرَ

آءٌ هيليڪاپٽر آهيان ادا!
مُون ۾ ماڻهُو تا ويهن سارا وڏا
جي منسٽر ۽ گورنر مُلڪ جا
مُستقل مُنهنجا مُسافر سَي سدا
آءٌ ٿورو هيٺ ٿو اُڏران مگر
منٽ ۾ بدليان ڪلاڪن جو سفر

مان جهاز آهيان، سُجاڻن تا سيئِي
روز لک پڪ تا ڏسن مُونکي مڙِئي
مان هزارين فُوٽ اُوچو ٿو اُڏان
۽ هوا جَي طرف ڪان اُبتو هلان
ميلَ سيڪنڊن ۾ اُڪلايان پيو
مان سفر جا ڍنگَ بدلايان پيو

هِي فقط ڦيٿي جو آهي انقلاب
جنهن مَٽايو فاصلن جو آ حساب

□



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★

# چَم... چَم... چَم...

چَم... چَم... چَم...

پنجَ ڦٽاڪا پيڻ جا . . .  پنج ڦٽاڪا پاڻ
گڏوءَ واريءَ پُل تي - مؤج پريو مهراڻ
ڏنڌُ پڳو ڪلهه ڏاندَ جو - ڇيلهه پڇائي وَڇ
جهرڪِي جهيڙج شينهنَ سان - مَڇر هاٿيءَ ٻَچ
ڪِول وينِي ڪوچ ۾ - ڪونه پريئين پاڙو
رات ٽندڻ ڪي ڪنگهه ٽِي - جاڳاييئين پاڙو




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کُوئِي پِيتو مؤج ۾ مان - ڪالهہ ڪمندَ جو رَسُ

جِهمِر ڪيڏيو هيج مان - ٻڻجي ويو بيوس

تڏِ شرارت مان ڪئِي - مَينهن کي ڪِتڪائِي

پاڏي ٽاٽي تي وجِي - پرچي ڪنڙائِي

آڙين منجُر تي ڪئي - ”مچ ڪچهري“ رات

ڪوئل ڳايا گيت ۽ - بلبل چيڙِي بات

ڪانگن ڪاوڙ ۾ اچي - گوڙ ڪيو ٽيون ڏِينهن

ٻاهر ٻلِي تيو گهُمي - گهر ۾ هر ڪو شِينهنُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★ ★

# ٽنڪُوءَ جو گُلر

ٽنڪُوءَ گُلر ڏاريو پيلو
انگل ڪرڻ وارو پيلو

بالڪ لڏو جو واٽ تان
ڪنهن ڪار جي چيپاٽ کان

جنهن کي بچايو هُن ڪٽي
ڪُترو وَيُس ڏاڍو وٽي

جنهن جِي عمر ناهي گهٽِي
ٻنجِي ويو اُن جو ڏٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن کي وڻي ھُو گھر ويو
پابوھہ جُون ڳالھيُون کندو

بي آسري ھن ساھہ سان
ٽنڪُوءَ نپايو چاھہ سان

ننڍڙو گُلر ھڪ سال کان
ھُن سان رھي پيو ھيج مان

اسڪُول کان گھر ڏي اچي
ٽنڪُو، گُلر خوش ٿين ملِي

رانديُون رچائن پيار سان
گڏجِي گھُمن ڪمَ ڪارَ سان

گھر جا سيئي ياتِي ھُجن
ٽنڪُوءَ جا سڀ ساٿِي ھُجن

سڀ پيار تا ڏوگيءَ سان ڪن
تنھن ساڻ ٿا خوش ٿي کِلن


انسان سان گڏ جانور
ٿي پيار جو ٿئي ٿو اثر

ٻارؤ! مُحبت ورڇجي
عالم سڄو خوش ھجي

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★★

# سبزين جو جهيڙو

پيـنـديءَ بصـر کـي هـيـئـن چـيـو:
تـوکـي ٿـهـن تـي تـهَـہ چـڙهـيـل
پـنـدرنـهـن کـڏهـن ٿِـئـي ڏهـہَ چـڙهـيـل
ٿُـنـهـنـجـو اصـل چـهـرو ڪـٿـي؟
ٿُـون آن ڪـٿـي؟ سـڀ تـهـہ لـٿـي؟
ايـــڏا مـــتـــان پـــردا ڍڪـــيـــن
ڪـنـهـن ڪـان تـو ٿُـون ايـڏو لـڪِـيـن؟

واڳـڻ چـيـو پـيـنـديءَ کـي ”بـس!“
چـو ٽـي ڪـريـن تـون گـوڙ، ڏس!
ڪـاڪـي بـصـر سـان ويـر ٿـئـي؟
۽ سـاڳ ڏس! ٻـيـو ڪـيـر ٿـئـي؟
ٿُـون پـاڻ کـي سـمـجـهـيـن پـئـي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*! ”ليليٰ جِي آڱر“ سيبتي!
توکي تہ کو ٽو پُڄَي
ڪاڪو بصر گهر پچَي

گوبيءَ وراڻيو واگَٽين
ٽُون ٽو گرهہ وچ ۾ هٽين!
توکي پُڄي ئي ڪير ٽو؟
گهر ۾ رنڌي ئي ڪير ٽو؟
مان گل بہ هان سبزِي بہ هان
ٽِي راڄ سبزين ۾ ڪريان
مُنهنجو نہ مَٽُ ثاني اٿئي!
مُون سان مزي مانِي اٿئي!

تنهن تي ٽماٽي ڪئِي هَکَلَ
گوبيءَ ڏي اُڇلائي ڪَٿَلَ
چي: ”ڏينهن ۾ بد بُوء ڪندڙَ!“
ايڏِي چڱي ناهي ٿَڪَڙَ
مونکي تہ ڏس! ياڄِي نہ کا
رَنتبي بنهہ مُون کان سوا
ڳاڙهو آ وڻندڙ رنگُ ڏس!
مُنهنجو رسيل آ انگُ ڏس!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن تي پٽاٽي هيئن چيو
مُون سان غريبن جو پَلو
ڪي ٽا پُچن، ڪي ٽا ٺرن
ڪي مختلف ڀاڄيُن وِچهن
سستو، سُٺو آهيان صفا
مان سبزيُن جو بادشاھہ

تنهن تي ڪريلي پيارَ مان
ڏاهپ سندي اظهار مان
سيني کي سمجهايو اچي
۽ هِيئن فرمايو اچي
سيني کي خلقيو آ خدا
سيني ۾ خُوبِي ڪا نہ ڪا
ڪو آ پٽاٽي جيان مِٺو
ڪو مُون جيان ڏاڍو ڪڙو
سڀ جو الڳ آ ذائقو
تاثِيرَ، لذت ۽ مزو
سبزيُون سيئي ڪمَ جيُون اسِين
ڇو پاڻ ۾ جهيڙيُون اسِين؟
جنهن کي وٽي جا، سا ڪٽي
ڪائي، پسند جنهن تي بٽي


□

پيارا ٻارؤ! *1 ڀينڊيءَ کي انگريزيءَ ۾ Lady's Finger (ليليٰ جي آڱر) چوندا آهن.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# پنڪيءَ جا سُوال

رات نانِيءَ کان مُون پڇيو ڇوريءَ
مِينهن هر روز ڇو نہ ايندو آ؟
روز جهڙ ڇو نہ اُڀ ڍڪيندو آ؟
ڇو نہ موڪل تي چنڊ وِيندو آ؟
سِجُ بيمار ڇو نہ ٿِيندو آ؟
ڇو نہ ٿو سِجَ کي بُخار وٺي؟
ڇو نہ تارن کي ٿو خُمار وٺي؟
ڇو نہ ٿِي ننڊَ چنڊَ کي گهيري؟
سِجُ ساجهر اُٿي ٿو هر ڀيري
رات ڇو روز اِيندِي آ؟
اُسَ ڇو تيک خُوب ڏِيندِي آ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ ۾ ايتري آ وَٽ سَٽ ڇو؟
ڇونه درياءُ ٿو وَهي اُبَتو؟
ڇونه وڻ تي مَڇيُون رهن نانِي؟
جانورَ ڇونه ٿا اُڏن نانِي؟
ڇونه ٿِي مَينهن ڏئِي سگهي آنا؟
ڇونه ٿو نانگ چئِي سگهَي گانا؟
ڇونه جهرڪيءَ جو کِير ٿِيندو آ؟
رنگَ ڳاڙهَي جو نِير ٿِيندو آ؟؟


مُون کي نانِيءَ نهاري پيارَ منجهان
هِي چيو مُون کي: ”توتان گهورَ امان!
عقل جِي عمر ۾ جڏهن اِيندينءَ
سمجهندِينءَ پاڻَ، جِيئن وڏِي ٿِيندينءَ
ربّ جِي جوڙ آ عجِيب گهڻِي
تِيئن خلقيائِين، جِيئن کيس وڻِي“

❑





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★ ★

# معصُوم خواهشُون

چنڊ تي ڇِيڪلو جي هُجي، مان وڃان...
روز رانديُون رهان... مان نچان ۽ ڪُڏان...

اُبَ جيڏي ڏگهِي ڪاٺِي هُجَي،
سِڄَ کي مان هٽان... تنهن سان حرڪت ڪريان...

سمنڊ مُنهنجَي اگر گهر جو ڀاڱِي هُجَي
تنهن ۾ ٽُڙڳان، تران... ۽ ڪُمين سان رهان...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهنجَي نلڪَي مان وهندڙ جَي ماڪِي هُجَي...
روز اُن ڪي چَتيان... ۽ مزا پيو وٺان...

مُنهنجَي گهر ۾ پليل هڪڙو هاٿِي هُجَي
سَير اُنَ تَي ڪريان... تنهن ڪي هَڪليان، هَلان...

بادلن جيترو قَدُ مُنهنجو هُجَي
تن ڪي چوريان ڇُهان... مان نپُوڙي اچان...

*1"وهيل" جِي مان پُٺِيءَ تي چڙهِي پيو گهُمان
سمند سارا ڏسان... سارو عالم گهُمان...

❑

---

*1 وهيل مڇي (وڏِي ۽ خطرناڪ مڇي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★★

# اباڙي... گھوڙا ڙي...

امڙ پَٽڙو پَٽ رنڌيو
چاڇيءَ چُلهہ تي ٻوڙ رکيو
ماسيءَ تيل سان ڪاڙهي ٿئي
ديڳ پڪوڙن جي تنهن ڪئي
پهتا ڪونہ پَڪوڙا ڙي!!

هاءِ! ابا ڙي...! گهوڙا ڙي...!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درزِيءَ ڏاڍو ڏوڪيو ڪيو
پهرڻ وارو وقت ويو
پيسا پِي اڳواٽ وَٺِين
عيد تي ڪپڙا ڪونہ سِبئين
ريڍِي مَيڊ ۾ ڳهارِي مُون
زورِيءَ عيد گُذارِي مُون
ڪونہ ڏنائِين جوڙا ڙي!

هاءِ! ابا ڙي... گهوڙا ڙي...!!

جاميٽرِيءَ جي ڪالهہ دبي
ڪنهن آ منهنجي چوري ڪئي!
بابا سا لاهور منجهان
آندي مُون لئہ پيارَ وچان
جو بہ ڪٽِي ويو تيلهَي مان
دل تہ چوَي ٿِي ڪنڌ وٽان
هٽجن ڪيس هتوڙا ڙي!

هاءِ! ابا ڙي... گهوڙا ڙي...!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امڙيءَ مُون لئہ کِير رکيو
کونہ ٻلَي مُون لاءِ سَنو
رات وِجهي پيالَي ۾ مُنهن
پِي ويو سارو، رب جو سُنهُن
کاوڙ ۾ تو سوچيان مان
پڪڙي آءٌ ٻلَيءَ کي ڏيان
اهڙا ڪنڌ مَروڙا ڙي...

هاءِ! ابا ڙي...! گهوڙا ڙي...!!


ڪالهہ زبانِي ٽيسٽ ڏنم
ڦر ڦر سارا سُوال ڏسيَم
اي ٻي سِيءَ جا پارَ پتا
انگَ ٻہ سارا ياد هُئا
ڊريس تي پِي استار مليو
ٽيچر کان پِي پيار مليو
ڪچا پوءِ ٻہ ڪوڙا ڙي!

هاءِ! ابا ڙي...! گهوڙا ڙي...!!

□




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★

# پاڻي

ٻاڦ ٿِي چُلهہ تي اُٻامي ڪيئن ٿو!
ٿِي ڪڪر اُڀَ ۾ اُڏامَي ڪيئن ٿو!

ڪيئن ٿو درياءَ مان وهندو وڃَي!
ڪيئن ٿو سمنڊن جي سِينن ۾ رهي!

ڪيئن مَڇِيُن جو بڻيو محفُوظ گهر!
سمنڊ جَي جِيوت جو جنهن ۾ آ سفر

برف ٿِي جبلن جِي آهي سُونهن ٿيو
۽ ڪڏهن ڪڪرن منجهان آهي وسَيو





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڪڏهن لُڙڪن جي صُورت ۾ وهي
۽ پگهر بڻجي بدن تي تو اچي

جو بڻيو آهي ضرورت جسم جي
جنهن بنا خطري ۾ آهي زندگي

آهه ڇا؟ جو ٽي حصا ڌرتيءَ تي آ؟
هر شڪل ۾ تو ملي پيو جابجا

جو بڻيو آ زندگيءَ جو آسرو
ڪارآمد جنهن جو آهي هر ڦُڙو

تنهن کي ڪو تو ”آب“، ڪو ”واٽر“ چوي
ڪوئي بارش ڪو مها ساگر چوي

سوئي پاڻي آ سڀن جي زندگي
آهه سو الله جي نعمت وڏي

کوٽ پاڻيءَ جي وڏي پئي روز روز
پيُون ڍنڍيون، ڍورا، سُڪَن واٽر ۽ حوض

سڀ اچو! گڏجي عمل ان تي ڪريُون
مُور هن پاڻيءَ کي ضايع ٿيڻ نہ ڏيُون

❑





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★★

## چاچو بصر

پاڙي سڄي جو معتبر
ماڻهُو مکڻ، چاچو بصر

تو باک ڦٽندي ئي اُٿي
پاڙي سڄي جي گشت تي
پوءِ مهل سان مسجد پُڄي
گڏجي فجر سڀ سان پڙهي
نرمل، نمازِي، نامور
چاچو بصر...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڙي جِي هوٽل تي اچي
سيني سان مُرڪي هُو ملي
اخبار مان خبرُون پڙهي
سينِي سان اوڙي هر گهڙي
محبت جو وِرڇي تو وکر
چاچو بصر...

پوء تو وڃي بازار هُو
پنهنجا ڪرڻ ڪم ڪار هُو
سيني سان ملندو تو وڃي
۽ خيريت پُڇندو وڃي
سارو سُڃاڻي تو شهر
چاچو بصر...

سانجهيءَ پڄاڻان ٻارڙا
ڪي گورڙا ڪي ڪارڙا
تا دم ڪرائڻ لئہ پُڄن
يا *اجهاڙ رکرائڻ اچن
بيشڪ دعائن جو آ دَر
چاچو بصر...




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪمت بہ جاڻي تو سڄي
سڀ سُور ۾ هن ڏي پڄي
تا درد جو دارُون وٺن
پرواهہ پئسن جي نہ ڪن
سڀ ڪي ڏٺل آ هن جو گهر
چاچو بصر...

اڄ رات کو بيمار ٿئي
ڪنهن درد ۾ لاچار ٿئي
چاچي کي جاڳائن اچي
اهڙي چڪائي هُوءَ ڦڪي
فوراً ٿئي جنهن جو اثر
چاچو بصر...

محبت سان هُن هر دل ڪٽي
لالچ نہ هن ڪنهن ۾ رکي
انسانيت سان دوستي
هُن روز هر ڪنهن کي ڏسي
محبت ۾ ڏاڍو آ اثر...
چاچو بصر...

❑

* 1 جهاڙ ڦڪرائڻ - الله جي ڪلام جو پڙهي دَم ڪرائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




★ ★

# سُگهڙ ڇوڪِري

مُنهنجو نالو آ ”عينِي“، سَڎِن پوپِري
مان سُگهڙ ڇوڪِري... مان سُگهڙ ڇوڪِري...

مان پڙهائيءَ ۾ هوشيار آهيان وڎِي
فرسٽ ڪان مُور گهٽ ڪونہ آيَس ڪَڎِي
ڏُور سُستيءَ ڪان مان، سوين آهيان سَڎِي
مان نہ ڪنهن ڊوڙ ۾ مُور آهيان ڪِري
مان سُگهڙ ڇوڪِري...




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ رنڌڻي جو ڪم ڪار جاڻان سڄو
ڀرت مون کي ڀرڻ آهہ اِيندو سُٺو
آهہ سُئيٽر اُٿڻ ۾ بہ هِي هٿ سڌو
آءٌ گهر جِي صفائيءَ لئہ آهيان چَرِي
مان سُگهڙ ڇوڪرِي...

مُون کي خوشبُوءِ سان پيار آهي جهجهو
مون گلن جو آ گهر ۾ رکيو باغڙو
تن کي پاڻِي ڏيڻ ۾ بہ آهي مزو
ڦُولَ ٽڙندي ڏِسي دل پوي ٽِي ٽِرِي
مان سُگهڙ ڇوڪرِي...

ڀائرن ڀينرن سان نہ هرگز وڙهان
ساهڙين سان بہ الفت جو ناتو رکان
مِس جِي، بابا جِي، امڙيءَ جِي عزّت ڪريان
مُور ڪنهن سان مِلان مان نہ هرگز چڙِي
مان سُگهڙ ڇوڪرِي...

□



☆ ☆

# گُلن جو ڪئمپ فائر

ڪنهن گُلَ ڳايو نغمو پيارو
گلشن منجهه بهارُن وارو
امن وندو ٿئي عالم سارو
جنهن ۾ ڪوبہ نہ گورو، ڪارو
هر دل هاڻي هڻندي نعرو
”چاهت، چين، مُحبت“ پارو!

ٻئي گُلَ سُهڻو شعر ٻڌايو
مُحبت ماڻهُوءَ جو سرمايو
هر ڪنهن ڏاهي آ فرمايو
محنت بن هر ڪمُ اجايو
خالق هر گُلَ منجهہ سمايو
جنهن عالم جو کيل سجايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽئين گُل اوري ڪا آکاڻي
صديون اڳ جي ڳالهه پُراڻي
جنهن ۾ راجا هو ۽ راڻِي
راجا ارڏو، هُوءَ نماڻِي
خُوب ڏکي هئي هيءَ ڪهاڻِي
ڏير سان پهتي نيڻ پڃاڻي

چوٿين گُل ڪجهه چرچا آندا
گُل گُل مُرڪِي پيا هيڪاندا
مرڪُون ماڻيُون گلشن سارَي
چاهت مان هر ٽار نهارَي
هر گُل تي جڻ مُرڪون هارَي
چوٿون گُل ويو بازِي ماري


ماڪيءَ جِي مک "يُون يُون" ٻولِي
اورڻ ويٺِي هُوءَ پرولِي
هن جِي مام هئي ڪا سؤلِي
هر ڪنهن جلدي جيڪا ڳولهِي
خوشبوء سان هُوءَ چاهه رکي ٿِي
گل گل جو هُوءَ رسُ چکي ٿِي

خُوب گلن جِي محفل گُذرِي
خوشبُوء پئِي جڻ باغ جِي نڪرِي

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★

# شِينهن ۽ ڪُوئو

هڪ ڏهاڙي شِينهن بي خيالو سُتو
ننڊ مان ليڪن اُٿي پيو اوچتو

هُن ڪئي محسُوس ڪتڪائِي ذرِي
ويو اڪڙجِي، اک جِيئين هُن جي ڪُلِي

ڪنهن ڪُوئي ڏُڪندَي بدن تي شِينهن جَي
پئي ڏِني دعوت ڏمَر ڪي جڻ سندَي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شِينهن هُن کي ٻاههِ مان پڪڙي چيو
”اي ڪُوئا! گستاخ! تو هِي ڇا ڪيو؟

ٽُنهنجي همّت ڪيئن ٿي؟ ايڏي وڏي
جو چڙهين مُنهنجي بدن تي ٽُون ڪُڏي“

هٿ منٿُن جا ٻَڌي ڪُوئي چيو:
”رحم جي خيرات بس مون کي ڏيو

مان نہ هرگز ڄاڻندي آهيان چڙهيو
هيءُ ٿي ويو اتفاق آ اوچتو

مان تہ رستي ساڻ پئي پنهنجي ويس
ڪا خبر ڪانهي تہ ايڏنهن ڪيئن چڙهيُس

جان بخشي اڄ ڪريو مسڪين جي
خُوب ماڻيندؤ دُعا غمگينَ جي

جي ڇڏي مُون کي ڏيو ٿا جان پناههٖ!
مان بہ ڪم ايندُس اوهان کي بادشاههٖ!“

شينهن کِلَ ۾ ويڙهجي ٻارؤ! ويو
بس رڳو هو ٽهڪ ٿي ڏيندو رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُـن وراڻـيـو تـوکـ مـان ڪُـوئـي ڪـي هـيـئـن:
”جـيـئـن ٻُـڌو مُـون، ڇـا ڇـيـو تـو آهـ اِيـئـن؟

تـو ۾ مُـنـهـنـجـو ڪـم پـلا پـونـدو ڪـڏهـن؟
اُپ ڏرتـيءَ تـي پـلا جـهُـڪـنـدو ڪـڏهـن؟

وڃ پـلا! احـسـان تـوتـي تـو ڪـريـان
ريءَ سـزا آزاد تـوکـي تـو ڪـريـان“

مـنـت ۾ ڪُـوئـو ڪُـڏيـو آزاد تـي
وئـي مـلـي مسـڪـيـن کـي نـئـيـن زنـدگـي

ڪـجـهـ ڏيـنـهـن ڪـانـپـوءِ ڇـا ٿـيـو اتـفـاق
سـڄُ سـربـسـتـو آ، نـاهـي هـيءَ مـذاق

پنهنجي مُنهن سان جهنگ مان ڪُوئو لنگهيو
شـيـنـهـن کـي شـشـدر اُتـي بـانـدي ڏٺـو

ڪـن شـڪـارين ڄـار ۾ هـن کـي وڌو
شـيـنـهـن ٿِـي لاچـار رسـتـو پـئـي ڏٺـو

شـيـنـهـن جـو تـورو ڪُـوئـي کـي يـاد هـو
تـرت ڪـيـئـيـن اُن جـي مـدد جـو فـيـصـلـو





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار کي ڪُوئي ٺُڪيو "ٺُڪ... ٺُڪ..." ڪري
شينهن حيرت مان ڏٺو پئي چُپ ڪري

چار کي منٽن ۾ ڪُوئو ويو ٺُڪَي
۽ ڪَيئين آزاد آخر شِينهن کي

شِينهن ٿي آزاد، ڀاڪُرَ ۾ ڀريُس
پيار مان ٿنهن هِيئن پُٺي ٿپڪَي چيُس:

"تنهنجا مون تي ڪوڙ ٿورا ٿي ويا
سي ڳِڻڻ کان يار! ڳؤرا ٿي ويا

ڪنهن به شئي کي گهٽ نه هرگز ڀانئجي
پاڻ کي پنهنجي اهو سمجهائجي"

جوڙ جوڙي ٿو ڏٺي جيڪا، مٿا!
ڪين آهي ٿي ڪڏهن بيڪار سا

❑



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# ٻي ٻي بورچياڻي

★★

اسان جي آ پاڙي ۾ بِيبِي سياڻِي
رهاڪُو هتي آهه ڏاڍِي پُراڻِي
سُگهڙ، سيبتِي آهه گهر جِي ڏياڻِي
تڏهن ڪونجَي ٿِي پئي بورچياڻِي

پچائي ٿِي جيڪو، سين ۾ ورهائي
ڪڏهن هُوءَ اڪيلي بنهه ڪونه کائي
مُحلي جي ٻارن کي گهر ۾ گهُرائي
مزيدار تن کي ٿي کاڌا چکائي
هجي ڪوئِي نينگر، يا پل ڪا نياڻِي
ٿِي بِيبِي مُحبّت ونڊَي بورچياڻِي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدوريءَ جي لئه ڪِيرڙي ڪالهه ناهيئين
صبا لاءِ سُوجِيءَ جو حلوو پچايئين
گُڏِي، سُونهن، ببلُوءَ، صدف کي گهُرايئين
سڀن ۾ سُنا طعام وهوا! ورهايئِين
تڏو ۽ منو تي پيئارين پاڻِي
تِي ٻِيٻِي مُحبّت وندَي بورچياڻِي

سڀن کان اڳي عيد تي هُوءَ رندي تِي
سندس گهر مان حلوي جي خُوشبُو اچي تِي
منو يا چَهِر پوءِ گهر گهر وندَي تِي
وجي پاڻ سڀ کي مُبارڪ ڏئي تِي
هُجي ڪو فلاڻو يا ماسِي فلاڻِي
تِي ٻِيٻِي مُحبّت وندَي بورچياڻِي

وڏي ذائقي جو سندس ٻوڙ مانِي
هِي شامِيُون، هِي قِيمو، دِگڙ تافتانِي
ڪري بار ٻِي ڪيُو پلو ۽ برياڻِي
پچائڻ ۾ ڪونهي سندس ڪوبه ثانِي
سندس مُنفرد آهه ڏاڍِي ڪهاڻِي
تِي ٻِيٻِي مُحبّت وندَي بورچياڻِي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئِي لُوڻ رستي مُحبَت وڌائي

اها صاف ٿِي هُوءَ حقيقت ٻڌائي

کُٽي ڪونہ تو ڪو ڳِيي ڪي ورهائي

اصل رزق ڏيندڙ تہ مالڪ ئي آهي


ورهائي ٿِي نوڙت سان چاهت نماڻِي

ٿِي ٻِيٻِي مُحبّت ونڌَي ٻورچياڻِي

□




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



★★

# ڳالهه ڳؤري گهٽِي

أٺ جَي عارَ جِي
۽ مليل مارَ جِي
ڳالهه ڳؤري گهٽِي...

روئڻي بارَ جِي
گهرَ جَي آزارَ جِي
تنهن جَي ٿمجهڻَ پندڻَ، بات بيڪارَ جِي
ڳالهه ڳؤري گهٽِي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* 1 وِگ جــــي وارَ جـــي

۽ ڪـــريــــل ڏارَ جـــي

انـبَ جَـيُ... مِـرچَ جَـي، هـاءِ آچـارَ جـي...

ڳـالـهہ ڳـؤڙي گـهـڻـي...

گــــونَ جــــي ٻـــارَ جــي

ڪُــتوهــــہ جــــي ٻــــارَ جــي

جيڪو ٻڪرين کي هَڪلي ٿو، ٻڪرار جِي

ڳـالـهہ ڳـؤري گـهـڻـي...

ڦـــيون، ٻـــي تـــارَ جـــي

نـــاسَ، نســـوار جِـــي

بـي سُـرَي، راڳ لـئہ روڳ فـنـڪـارَ جِـي

ڳـالـهہ ڳـؤري گـهـڻـي...

چـيـــر چـمـــڪـــارَ جِـــي

تـــيـــر، تـــلـــوارَ جِـــي

يـا تـہ گـوبـيءَ جـي ڳُـل جـي ڳَـرَي هـارَ جِـي

ڳـالـهہ ڳـؤري گـهـڻـي...

❑

---

*1 = نقلي وار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ڪتابي سلسلي پاران ڇپايل ڪتاب

1 - "**وڪريل موتي**" (ڊاڪٽر عطا مُحمد "حاميءَ" جي مقالن جو مجمُوعو)
مُرتب: مقصود گل - 1983ع

2 - "**زندگيءَ ڏي موٽ**" (ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو)
مترجم: مقصود گل ۽ مختار گهمرو - 1985ع

3 - "**ڪرڻا ڪرڻا**" (ٻارڙن لاءِ شاعري) مقصُود گل - 1986ع

4 - "**امن آب حيات**" (شاعري) سرڪش سنڌي - 1987ع

5 - "**لهر لهر دريا**" (شاعري) استاد بخاري (ٻيو ڇاپو) - پهريون ڇاپو: 1990ع

6 - "**رت پنا رابيل**" (شاعري) مقصُودگل - 1991ع

7 - "**هڪڙو پيارو ماڻهو**" (قاضي عبدالحيّ "قائل" جي شخصيت ۽ ادبي
خدمتن تي لکيل مونوگراف) قاضي منظر حيات - 1992ع

8 - "**مٽيءَ جا سُر**" (شاعري) عبدالغفار "تبسُم" - 1992ع


9 - "**چنڊ ستارا جهوليءَ ۾**" (ٻارڙن لاءِ شاعري) مختار گهُمرو - 2001ع

10 - "**رتوديرو - مختصر تاريخ**" (تاريخ) مقصُود گل - 2002ع

11 - "**اُٺ ماما گوگڙُو**"(ٻارڙن لاءِ شاعري) ياسرقاضي - 2014ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ياسر قاضيءَ جا ڇپيل ڪتاب



1 - "**ٻيڙيءَ ۾ چنڊ**" (ٻارڙن لاءِ شاعري) - ڊسمبر 2012ع
ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور - مُلهه: 100 رُوپيه
(سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد پاران "سال 2012ع جي ٻارڙن جي بهترين سنڌي ڪتاب" جو ايوارڊ ماڻيل)

2 - "**اُٺ ماما گوگڙو**"(ٻارڙن لاءِ شاعري) نومبر 2014ع
ڇپائيندڙ: سنڌڙي ڪتابي سلسلو، رتوديرو/ ڪراچي - مُلهه: 100 رُوپيه

# ياسر قاضيءَ جا ايندڙ ڪتاب

1 - "**پئسفڪ جي پاڙي ۾**" (امريڪا جو سفرنامو - سنڌيءَ ۾)
2 - "پيسفک کے پڑوس میں" (امريڪا جو سفرنامو - اردوءَ ۾)
3 - "**بيقرارَ جا نغما**" (سنڌي شاعري)
4 - "جِی جانتا ہے" (اردُو شاعري)
5 - "**زلفِ اياز**" (ڊاڪٽر اياز قادريءَ جي سنڌي شاعريءَ جو منظوم اردو ترجمو)
6 - "**سُخنِ شهباز**" (حضرت لال شهباز قلندرؒ جي فارسي شاعريءَ جو منظوم سنڌي ۽ اردو ترجمو)



# ياسر قاضيءَ سنڌس ٻال ـ ڪويتائون

ياسر قاضيءَ سان ڏهاڪو سال اڳ پهريون دفعو گڏجڻ ٿيو هو ته پنهنجي واقفيت ڏيندي ٻڌايو هئائين ته هُو قاضي مقصُودگل صاحب جو فرزند آهي، جنهن تي مُون کي سياويڪ خوشي ٿي ۽ ويجهڙائپ ۽ پنهنجائپ جو احساس به جاڳيو، ڇوته گل صاحب سان مُنهنجي پراڻي واٽ رهي هئي.

هڪ سنڌ ـ ياترا وقت جڏهن ياسر کنهن ٽيليويزن نيٽورڪ پاران مون کان انٽريو ورتو هو، ته مان سنڌس ذهانت ۽ پيشاورانه لياقتن کان به خوب متاثر ٿيس. هُو نشريات جو علم رکندڙ ذهين ۽ فهميدو جوان آهي. مُون کي سچ پچ ته پهرين ئي ملاقات ۾ پاڻ ڏانهن موهي ورتو هئائين. بعد ۾ سنڌس شاعريءَ کان به واقف ۽ متاثر ٿيس. والد صاحب جي اڏ چڪي اٿائين، ساڳئي وقت زماني سان قدم قدم ۾ ملائي، سُهڻو شعر لکي رهيو آهي.

”ڪي ٽِي اين“ تي سنڌس پروڊيُوس ڪيل چيزُون ۽ سنڌس ”اينڪرشِپ“ ڏسي مُون کي هن نوجوان سان پنهنجائپ هُجڻ تي فخر محسُوس ٿِيندو آهي.

تازو سنڌ ياترائن دؤران، ياسر کي ڀٽ شاهه تي ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين هنڌن تي ڪن يادگار پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪندي به ٻُڌو اٿم. سنڌس ڪمپيئرنگ ۾ ڪو جادُو آهي! حاضرين کي اصل ٻَڌيو ٿو ويهاري.

۽ تازو ئي وري ياسر، پنهنجيُون کي ٻال ـ ڪوِيتائُون به مُون ڏي ڏياري موڪليُون. پڙهي ماڻ ٿِي ويم ته هِي جوان ٻال ـ ڪويتائُون به کهڙيُون نه موزُون ۽ مُوافق ٿو لکي. سوَليُون سلُوٽيون ۽ ٻارن جي من کي موهِيندڙ. هُونءَ ته شاعري پنهنجي ليکي ئي گهڻو شعُور گهُري ٿي، پر ٻارن لاءِ شعر لکڻ ته نهايت ئي اوکو ڪم آهي. جنهن لاءِ پهرين ته ”ٻال ـ منو گيان“ (نفسيات) کي سمجهڻو آهي، ٻار جي من اندر گهڙڻو آهي، ٻار ٻڻجي ٻارن جي جذبن ۽ احساسن کي محسُوس ڪندي، رچنائون رچڻيون آهن. پر ياسر جُون ٻال ـ ڪويتائُون پڙهي لڳم ته هُو ان ڏس ۾ به مهارت رکي ٿو.

ـ هيرو ٺڪُر

نئين دهلي (ڀارت)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

**هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.**

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄئن ڄئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)